نئين نصاب مطابق

مهراڻ سيريز

مهراڻ

درسي

# سنڌي ڪتاب

چوٿين ڪلاس لاءِ

## (ٽيچر گائيڊ)

ءِ ورڪ بُڪ

سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن سان گڏ


ليکڪ

شيخ نديم تصور

M.A (Sindhi), M.A (Eco:),M.Ed.



زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي

SCIENCE PUBLICATIONS

# انتباهه

هن ڪتاب جا مڪمل حق پبلشر وٽ محفوظ آهن.
هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي جي مڪمل طور تي جزوي لحاظ سان نقل ڪرڻ واري جي خلاف ڪاپي رائيٽ ايڪٽ تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

قانوني مشير
ذوالفقار علي شيخ

ناشر
زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي®
ٽريڊ مارڪ (مهراڻ سيريز) رجسٽرڊ

ڪتاب مهراڻ سنڌي درسي ڪتاب

ليکڪ شيخ نديم تصور
M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed:

معاون وڪيله گل M.A (Sindhi), B.Ed:

ڪمپوزنگ عمران ميراڻي ۽ عديل احمد دايو

ڊزائيننگ آصف ڪمپوزرس لکي

پراڊڪشن مئنيجر محمد شاهد

پبلشرز زمزم سائنس پبليڪيشنز

## اسٽاڪسٽ

**نيو مهراڻ بُڪ اسٽور** نم جي چاڙهي سکر 071-5626093

**مهراڻ بُڪ سينٽر** شاهي بازار سکر 071-5624790 071-5627774

سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر جي سيني دڪانن تي بارعايت دستياب آهي.

# فهرست



| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | قدرت وارا | 05 |
| 02 | پالڻھار جي هستي | 09 |
| 03 | نبي ڪريم ﷺ | 12 |
| 04 | نعتِ رسول ﷺ | 16 |
| 05 | حضرت بي بي خديجة الڪبريٰ | 20 |
| 06 | حضرت ابوبڪر صديقؓ | 24 |
| 07 | ٻين سان ڀلائي | 28 |
| 08 | جهنڊي جي عزت | 32 |
| 09 | اڄوڪو ڏينهن | 36 |
| 10 | وطن جي حُبَ | 40 |
| 11 | ڀرت جو ڪم | 45 |
| 12 | مخدوم نوح رحمة الله عليه | 49 |
| 13 | اخلاق | 53 |
| 14 | سورج مکي | 56 |
| 15 | منداڻتا مينهن | 60 |
| 16 | ٽر جا ماڻهو | 63 |
| 17 | موئن جو دڙو | 67 |
| 18 | ڏيئو | 71 |
| 19 | شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحه | 75 |
| 20 | شهريءَ جون ذميواريون | 80 |
| 21 | بهار | 84 |

# فهرست


| سبق | عنوان | نمبر |
| --- | --- | --- |
| 22 | ڏياري | 87 |
| 23 | برابريءَ جي نصيحت | 91 |
| 24 | ٻڌيءَ ۾ طاقت | 95 |
| 25 | شڪارپور | 99 |

# قدرت وارا







## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| نرمل | صاف، ڪومل |
| جوتي | روشن |
| ڪوٺاڻ ڪوٽ | اندر ئي اندر |
| سَهسِين | بيشمار |
| اَنتُ | انتها |
| پارا | مثال، جهڙو |
| سُرهاڻ | خوشبوءِ |
| ڏرين | وِجهين |
| پڙلاءُ | آواز |
| وسڪارا | مينهن |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| مهراڻ | سنڌو درياءُ |
| واڄٽ | ڪڙڪا / آواز |
| ناميارا | ناليوارا |

## شعرن جي تشريح

بيت: سڀ ڪن تنهنجي ساراهہ قدرت وارا
نرم جوتي نور نظارا، قدرت وارا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي طاقت وارا الله سائين! سڀ تنهنجي ساراهہ ٿا ڪن. هر شيءِ ۾ تنهنجي نور جو نظارو ۽ اکين کي وڻندڙ روشني نظر اچي رهي آهي.

**بيت:**

ڪوٽان ڪوٽ بڻايئہ ڌرتيون،
سهسين سج، چنڊ تارا ڪَتيون
جن جو انت نہ پارا، قدرت وارا

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي طاقت وارا الله سائين! تون زمين جا فرش وڇايا، سج، چنڊ ۽ ڪتيون بڻايا، جن جي ڳڻپ، حد ۽ حساب ڪنهن کي معلوم نہ آهي.

**بيت:**

گلن اندر سرهاڻ ڌرين ٿو،
موتين سان مهراڻ ڀرين ٿو،
هيرا لعل هزارا، قدرت وارا.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي طاقت وارا الله سائين! تون گلن جي اندر خوشبوءِ پيدا ڪرين ٿو، قيمتي موتين سان مهراڻ ڀرين ٿو، جن ۾ ڪيترائي هيرا لعل آهن.

**بيت:**

جڏهن وڻن تي واءُ اچي ٿو،
پَن پَن مان پڙلاءُ اچي ٿو،
چم چم جا چمڪارا، قدرت وارا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي طاقت وارا الله سائين! جڏهن وڻن کي هوا لڳندي آهي تہ هر هڪ پن چم چم جو آواز ڪندو آهي.

**بيت:**

چهنب چَتُن ۽ چيهن کولي،
بل بل ڪوئل ٻولي ٻولي،
مور نچن ناميارا، قدرت وارا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته قدرت وارا الله سائين! چَتُن ۽ چيهن زبان کولي آهي. بل بل ۽ ڪوئلون ٻليون ٻولي رهيون آهن ۽ مور خوشيءَ ۾ نچي رهيا آهن.

**بيت:**

عجب ٺاهيئه ٻجليون بادل،
بوندون برس برس ڪن ٽاڏل،
واچڙ ڪن وسڪارا، قدرت وارا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اي طاقت وارا الله سائين! تون حيران ڪندڙ ڪڪر ۽ ڪنوڻ ٺاهيا، مينهن وسڻ سان ٽڏڪار ٿي وڃي ٿو.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. هن نظم مان توهان کي ڪهڙو شعر وڌيڪ وڻي ٿو؟

ج. جڏهن وڻن تي واءُ اچي ٿو، پن پن مان پڙلاءُ اچي ٿو، چم چم جا چمڪارا قدرت وارا.

2. اسان سڀئي ڪنهن جي ساراهه ڪريون ٿا؟

ج. اسان سڀئي الله تعاليٰ جي ساراهه ڪريون ٿا.

3. قدرت وارا نظم ڪنهن جو لکيل آهي؟

ج. قدرت وارا نظم شاعر ڪشنچند بيوس جو لکيل آهي.

## ب هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جوتي | روشن | نرمل | صاف، ڪومل |
| پڙلاءُ | آواز | سهسين | بيشمار |
| پارا | مثال، جهڙو | انت | انتها |

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| ڌرتيون | آسمان | گُل | ڪنڊو |
| سج | چنڊ | شمار | بيشمار |
| اندر | ٻاهر | پکي | جانور |

## د هيٺيان خال ڀريو.

1. گلن اندر سُرهاڻ ............ ڌرين تو.
2. ڇهنب چَتُن ۾ ............ ڇيهن ڪولي.
3. واڃٽ ڪن ............ وسڪارا قدرت وارا.
4. جن جوانت نه ............ پارا قدرت وارا.

## ر ڪوتان ڪوت ۾ ڇمر ڇمر ٻٽا لفظ آهن، اهڙا ڪجهه ٻيا ٻٽا لفظ ٻڌايو:

| | | |
|---|---|---|
| رنگ روپ | برس برس | طرحين طرحين |
| پري پري | گل ڦُل | |

سبق 2

# پالڻھار جي هستي



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| چرخي | ڦيٿو | | |
| سُٽ | ڌاڳو | | |
| ڪَتيندي | ناهيندي | لفظ | معنيٰ |
| قادر | وس وارو | وقت سر | ضرورت مهل |
| سنسار | جهان | نهايت | انتهائي |
| ٻاجھارو | مهربان/ ٻاجھ وارو | هيڪلو | اڪيلو |
| اُپايو | پيدا ڪيو | جوڙيندڙ | ناهيندڙ |
| يادگيري | تات | هيڪڙائي | اڪيلائي |

## خلاصو

هڪ ڏينهن سرمد جيئن ئي اسڪول کان موٽيو تہ ڏاڏيءَ وٽ وڃي کيس سلام ڪيائين، جيڪا وڻ جي ڇانوَ ۾ چرخي تي سُٽُ ڪتيندي الله الله ڪري رهي هئي. سرمد ڏاڏيءَ کان پڇيو تہ هوءَ ڇا چئي رهي آهي؟

سندس ڏاڏيءَ چيو هوءَ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪري رهي آهي، جيڪو سڀني جهان کي هلائي ٿو. اهو ئي دنيا ۽ جهان جو مالڪ آهي.

چرخي بند ٿيڻ جو مثال ڏيندي ڏاڏيءَ سرمد کي ٻڌايو ته جيئن هي چرخو هلائڻ واري کان سواءِ نه ٿو هلي سگهي. تيئن هي سڄو سنسار هڪ هلائيندڙ جي حڪم سان هلي رهيو آهي. اسان کي الله سائينءَ جي مخلوق سان پيار ۽ ميٺ محبت سان هلڻ کپي ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 چرخو ڪير هلائي رهي هئي؟

ج چرخو ڏاڏي هلائي رهي هئي.

2 سليم کي سمجهائڻ لاءِ ڏاڏيءَ ڇا ڪيو؟

ج سليم کي سمجهائڻ لاءِ ڏاڏيءَ چرخو بند ڪيو.

3 الله پاڪ اسان لاءِ ڪهڙيون شيون پيدا ڪيون آهن؟

ج الله پاڪ اسان جي آرام ۽ سک لاءِ ڪوڙ ساريون شيون اپايون آهن جيئن: پاڇيون، اناج، هوا ۽ پاڻي.

4 سليم: ڏاڏيءَ جون ڳالهيون ٻڌي ڇا چيو؟

ج سليم: ڏاڏيءَ جون ڳالهيون ٻڌي چيو ته سچ پچ اسان کي الله پاڪ جي هيڪڙائيءَ تي ايمان آڻڻ گهرجي، ان جي عبادت ڪرڻ گهرجي ۽ ان کان ئي مدد وٺڻ گهرجي.

### ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1 هن سڄيءَ دنيا کي الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي. ص

2 هن سڄي سنسار جو الله ئي حقيقي ۽ هيڪلو مالڪ آهي. ص

3. اسان کي الله تعاليٰ جي مخلوق سان پيار نہ ڪرڻ گهرجي. غ

4. سليم هڪ ڏينهن ٻاهران واپس گهر آيو. غ

5. وڻ جي ڇانوَ ۾ ڏاڏي چرخي تي سُٽ ڪَتيندي الله الله ڪري رهي هئي. ص

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| هيڪلو | اڪيلو | خالق | پيدا ڪندڙ |
| ٻاجهارو | رحم ڪرڻ وارو | رسائي | پهچائي |
| اُپايون | پيداڪيون | سنسار | جهان |

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ڇوڪرو | ڇوڪرا | زبان | زبانون |
| ڳالهہ | ڳالهيون | چرخو | چرخا |
| عبادت | عبادتون | ڪتابُ | ڪتابَ |

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اڀرڻ | لهڻ | سُٺي | خراب |
| سُکُ | ڏُکُ | وڏو | ننڍو |
| محبت | نفرت | ڇانوَ | اُس |



# نبي ڪريم ﷺ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| والده | ماءُ | سلڇڻا | سٺي اخلاق وارا |
| سانگي | واسطي | زيارت | مقدس هنڌ ڏسڻ |
| حاسد | بدخواه | صلاح | رٿ، مشورو |
| رواج | رسم، دستور | پيغام | نياپو، سنيهو |
| تبليغ | مذهبي تلقين | پوڄا | عبادت |
| آخرڪار | نيٺ | شفقت | مهرباني |
| صادق | سچار | امين | امانتدار |
| واپار | ڪاروبار | هجرت | لڏڻ |
| شفقت | مهرباني | واپار | وهنوار |

## خلاصو

حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن مڪي شريف ۾ ڄاوا. عرب جي رواج مطابق ڪين ٽِج پيارڻ لاءِ دائي حليمہ جي حوالي ڪيو ويو. پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن ننڍي هوندي کان ئي، سلڇڻا، سچار ۽ ايماندار هئا. سدائين غور ۽ فڪر ۾ رهندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم پنهنجي چاچي حضرت ابو طالب سان واپار سانگي شام پئي ويا تہ وات تي بحيرا نالي راهب متن ڪڪر جي ڇانوَ ڏسي ٽڪريءَ تان لهي آيو. هن پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي زيارت ڪئي ۽ نبوت جي مهر ڏٺي. ان کان پوءِ حضرت ابو طالب کي چيائين تہ هي ٻار نبي ٿيندو. پوءِ ڪيس صلاح ڏنائين تہ توهين واپس وڃو، متان شام جا حاسد يهودي،

هن معصوم کي کو نقصان نہ پهچائين.

پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جڏهن چاليهہ سالن جا ٿيا تہ کين غار حرا ۾ جبرائيل امين نبوت جو پيغام آڻي پهچايو، پوءِ ٽيويهہ سال قرآن پاڪ مٿن نازل ٿيندو رهيو. پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم تبليغ ڪندا رهيا. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ پاران هي حڪم ٿيو تہ الله کي هڪ ڪري مڃو، ان سان ڪنهن بہ شريڪ نہ ڪريو ۽ بتن جي پوڄا نہ ڪريو.

پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي انهن ڳالهين تي مڪي جا ڪافر سندس جاني دشمن ٿي پيا آخرڪار پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن الله تعاليٰ جي حڪم سان مڪي مان هجرت ڪري مديني ۾ اچي رهيا. مڪي جي ڪافرن اتي بہ کين آرام سان رهڻ نہ ڏنو ۽ ڪيتريون ئي جنگيون لڳيون جن ۾ بدر، احد، خندق ۽ خيبر مشهور آهن. جڏهن مڪو فتح ٿيو تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم پنهنجي جاني دشمنن کي بہ معاف ڪري ڇڏيو. سندن اهڙي شفقت ڏسي ڪيترائي ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿي ويا.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. پاڻ سڳورن ﷺ کي بيبي حليمہ جي حوالي ڇو ڪيو ويو؟

ج. پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم کي عربن جي رواج مطابق ٿڃ پيارڻ لاءِ دائي بيبي حليمہ رضہ جي حوالي ڪيو ويو.

2. پاڻ ڪريم ﷺ کي نبوت جو پيغام ڪنهن پهچايو؟

ج. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن کي نبوت جو پيغام جبرائيل امين غارِ حرا ۾ پهچايو.

3. راهب بحيرا پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏسي ڇا چيو؟

ج. راهب بحيرا پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم کي ڏسي چيو تہ "هي ٻار نبي ٿيندو".

4. حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جن مکي کان مديني هجرت ڇو ڪئي؟

ج. جڏهن پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن مکي جي ماڻهن کي الله تعاليٰ جو پيغام ڏيڻ شروع ڪيو تہ الله هڪ آهي، ان جي عبادت ڪريو ۽ بتن جي پوڃا نہ ڪريو تہ مکي جا ماڻهو سندن دشمن ٿي پيا ۽ کين تڪليفون ڏيڻ لڳا. ايتري قدر تڪليفون ڏنائون جو حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن الله پاڪ جي حڪم سان مکي کان مديني هجرت ڪئي.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ وسلم ___مکي شريف___ ۾ ڄاوا.

(i) مديني شريف (ii) مکي شريف ✓ (iii) ٺٽ شريف

2. پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ ___ڇهن___ سالن جا ٿيا تہ سندن والده وفات ڪري ويئي.

(i) ڇهن ✓ (ii) ستن (iii) اٺن

3. ___اٺن___ سالن جا ٿيا تہ سندن ڏاڏو بہ وفات ڪري ويو.

(i) ڇهن (ii) ستن (iii) اٺن ✓

4. سندن اهڙي ___مِهرَ___ ڏسي ماڻهن اسلام قبول ڪيو ۽ عرب ۾ اسلام پکڙجي ويو.

(i) شرافت (ii) مِهرَ ✓ (iii) شفاعت

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| حسد ڪندڙ | حاسد | پيغام پهچايو | تبليغ |
| عبادت | پوڄا | نياپو | پيغام |
| رسم | رواج | مشورو | صلاح |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| ضد | لفظ | ضد | لفظ |
|---|---|---|---|
| اُس | ڇانوَ | امن | جنگ |
| شڪست | فتح | دوست | دشمن |
| مرڻ | ڄمڻ | فائدو | نقصان |

# نعتِ رسولُ ﷺ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جاوا | پيدا ٿيا | سندن | انهن جو |
| والد | پيءُ | والده | امڙ |
| رواج | رائج طريقو | ٿڃ پيئارڻ | کير پيئارڻ |
| وفات ڪرڻ | گذاري وڃڻ | سُلڇڻا | سٺن اخلاقن وارو |
| غور فڪر | خيال سوچ | واپار | تجارت |
| سانگي | سبب، بهاني | صلاح | مشورو |
| حآسد | ساڙ ڪندڙ | معصوم | ننڍڙو، بيگناهه |
| نقصان | هاڃو | ڪين | انهن کي |
| شريڪ ڪرڻ | گڏ ڪرڻ | پوڄا | عبادت |
| جاني | جان جا | هجرت ڪرڻ | لڏي وڃڻ |
| مهرَ | ٻاجهه، رحم | پکڙجڻ | ڦهلجڻ |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

مان وارو شان وارو مير مرسل مصطفيٰ ﷺ
آ جڏي جيءَ جو جيارو مير مرسل مصطفيٰ ﷺ

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر سميع سجاد ميراڻي چوي ٿو ته

اسان جو پيارو نبي حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم وڏي مان ۽ شان وارو آهي ۽ اسان جي ڪمزور جيءَ ڪي جياريندڙ آهي.

**بيت:**

جنهن ڪي قادر قرب مان افضل ڪيو عزت ڏني
سو سين جو آ سهارو مير مرسل مصطفيٰ ﷺ

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر سميع سجاد ميراڻي چوي ٿو تہ الله پاڪ پنهنجي پياري محبوب صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جو پيار مان شان افضل ڪيو آهي ۽ اهو سهڻو رسول صلي الله عليہ وآلہٖ وسم اسان سين جو سهارو آهي.

**بيت:**

نانءُ جنهن جو ٿو ڪٺان هي روح ٿو مسرور ٿي
آ سين ڪان ناميارو مير مرسل مصطفيٰ ﷺ

**سمجهاڻي:** هن هن بيت ۾ شاعر سميع سجاد ميراڻي چوي ٿو تہ پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي نالي وٺڻ سان روح کي خوشي ملي ٿي ۽ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جو نالو سيني ڪان بهتر آهي.

**بيت:**

اڄ بہ ڏس ساراهہ جنهن جي سارو عالم ٿو ڪري
آهي بس رحمت ئي سارو مير مرسل مصطفيٰ ﷺ

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر سميع سجاد ميراڻي چوي ٿو تہ اڄ بہ اسان جي پياري رسول صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي تعريف سارو عالم ڪري ٿو، ڇو جو پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم ٻنهي جهانن لاءِ صرف رحمت ئي رحمت آهن.

بيت:

جنهن جي ڪارڻ هي دنيا آهي خدا خلقي "سميع"
آهي رحمت جو نظارو مير مرسل مصطفيٰ ﷺ

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر سميع سجاد ميراڻي چوي ٿو ته الله سائينءَ پنهنجي پياري محبوب صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي ڪري ئي هيءَ دنيا پيدا ڪئي آهي، تنهنڪري پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم هن دنيا جي لاءِ رحمت آهن.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. جڏي جيءَ جو جيارو ڪير آهي؟

ج. جڏي جيءَ جو جيارو مِير مرسل مصطفيٰ صلي الله عليه وآلهٖ وسلم آهي.

2. ڪنهن جي نالي ڪڻڻ سان روح مسرور ٿئي ٿو؟

ج. پياري نبي محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي نالي ڪڻڻ سان روح مسرور ٿئي ٿو.

3. سارو عالَم ڪنهن جي ساراهه ٿو ڪري؟

ج. سارو عالَمحضور اڪرم مصطفيٰ صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي ساراهه ڪري ٿو.

### ب هيٺيان خال ڀريو .

1. جنهن ڪي ____قدرت____ قرب مان افضل ڪيو عزت ڏني
2. نانءُ جنهن جو ٿو ڪٺان هي روح ٿو ____مسرور____ ٿئي
3. اڄ به ڏس ____ساراهه____ جنهن جي سارو عالم ٿو ڪري
4. آهي ____رحمت____ جو نظارو مِيرُ مرسل مصطفيٰ

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| افضل | سڀ کان پلو |
| مسرور | خوش |
| جيارو | جيارينڌڙ |
| عالم | جهان |
| ناميارو | نالي وارو |
| نظارو | منظر، ڏيک |

# ام المؤمنين بيبي خديجة الڪبريٰ

رضي الله عنها

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ام | ماءُ، امڙ | ال | جي |
| مومنين | مومنن جي | معزز | عزت وارو |
| نياڻي | ڌيءَ | سموري | سڄي |
| ملڪيت | جائداد، پيسو | طاهره | پاڪ |
| لقب | صفتي نالو | انتهائي | تمام گهڻي |
| اماڻ | موڪلڻ | طرفان | پاران |
| شرف | عزت، مان | ورهيه | سال |

## خلاصو

حضرت خديجة الڪبريٰؓ مڪي جي هڪ معزز واپاري خويلد جي اڪيلي نياڻي هئي. والد جي وفات ڪان پوءِ سموري ملڪيت سندن ورثي ۾ آئي. والد جي وفات بعد بيبي سڳوريءَ واپار جاري رکيو ۽ سندس مال شام ۽ يمن ڏانهن ويندو هو. ان وقت حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جو نالو ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ جي ڪري مشهور هو. بيبي صاحبہ ڪين.

شام ڏانهن واپار ڪرڻ جي آڇ ڪئي، جيڪا پاڻ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم قبول ڪيائون. بيبي صاحبہ ساڻن گڏ پنهنجو غلام ميسره بہ روانو ڪيو. جڏهن غلام ميسره حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي اخلاق ۽ ديانتداريءَ جي ساراهہ ڪئي تہ بيبي صاحبہ، حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن ڪي شاديءَ جو پيغام موڪليو، جيڪو پاڻ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم قبول ڪيائون، بيبي صاحبہ بيوه هئي ۽ ان وقت سندس عمر چاليهہ

ورهيه هئي ۽ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جي عمر پنجويهه سال هئي، حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم فرمايو آهي ته بيبي خديجه رضه منهنجي سيني بيبين مان سڀ کان وڌيڪ چڱي هئي. بيبي صاحبه جي وفات کان پوءِ پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم کين هميشه ياد ڪندا هئا. بيبي صاحبه پنجهٺ ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. حضرت بيبي خديجه رضه جي والد جو نالو ڇا هو؟

ج. حضرت بيبي خديجه رضه جي والد جو خويلد هو.

2. بيبي صاحبه جن کي ”طاهره“ ڇو سڏيندا هئا؟

ج. بيبي صاحبه جن کي طاهره جي لقب سان سڏيندا هئا ڇاڪاڻ ته بيبي صاحبه انتهائي رحمدل ۽ سياڻي هئي.

3. ميسره، بيبي صاحبه رضه کي حضور ﷺ بابت ڇا ٻڌايو؟

ج. ميسره، حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جي ايمانداري ۽ اخلاق بابت بيبي صاحب وٽ گهڻي تعريف ڪئي.

4. بيبي خديجه رضه اسلام جي ڪهڙي مدد ڪئي؟

ج. بيبي خديجه رضه اسلامي مالي مدد ڪئي.

5. حضور ﷺ جن بيبي صاحبه رضه بابت ڇا فرمايو؟

ج. حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن فرمايو ته ”بيبي خديجه رضه منهنجي بيبين ۾ سيني کان بهتر هئي. جو ته ماڻهو مون کي جڏهن نبي ڪري نه مڃيندا هئا. تڏهن هن مون تي ايمان آندو.“

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. حضرت بيبي خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها هڪ معزز حاڪم خويلد جي نياڻي هئي. غ
2. بيبي سڳوريءَ کي ماڻهو ”طاهره“ جي لقب سان سڏيندا هئا. ص
3. بيبي سڳوريءَ والد جي وفات کان پوءِ واپار جاري نه رکيو. غ
4. حضور ﷺ جن کي بيبي صاحبہ واپار لاءِ شام ڏانهن وڃڻ جي آڇ ڪئي. ص
5. بيبي صاحبہ کي پاڻ سڳورن ﷺ ۽ اسلام سان سچي محبت هئي. ص

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| تعريف | ساراهه | لقب | صفاتي نالو |
| رحمدل | نرم دل وارو | هميشه | سدائين |
| طاهره | پاڪ | معزز | عزت وارو |

## د هيٺين اکرن مان پنج لفظ ٺاهي ڏيکاريو:

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪ | ن | پ | ر | ه | ل | س | گهرڻ | سڏڻ |
| گه | ر | ڻ | ن | ر | ت | ڏ | رت | نڪ |
| | | س | ڪ | ر | ڙ | ڻ | | ڪن |

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| رحمدل | ظالم | سچي | ڪوڙي |
| ڳڏ | الڳ | سُٺي | خراب |
| گهٽو | تورو | اول | آخر |




# حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| نياياڻون | پورو ڪيائون | نفعو | فائدو |
| مالي مدد | مال/دولت سان مدد | آڏو پيش | اڳيان رکڻ |
| پُڇا | سوال | وصال | وفات |
| خلافت | مسلمانن جي بادشاهت | اجورو | معاوضو |

## خلاصو

حضرت ابوبڪر صديق رضہ مڪي شريف ۾ پيدا ٿيو هو. سندن نالو عبدالله هو، ڪين حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن سان سچي محبت هئي. جڏهن پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏني، تڏهن هن هڪدم ڪين سچو پيغمبر مڃي ايمان آندو. مردن ۾ سڀ کان پهريائين حضرت ابوبڪر رضي الله عنه مسلمان ٿيو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه اسلام آڻڻ کان اڳ بہ ڏاڍا نيڪ ۽ پرهيزگار هئا. قريش خاندان ۾ سندن وڏي عزت هئي. پاڻ ڏاڍا سخي ۽ مهمان نواز هئا. حضور ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جو هر قدم تي ساٿ ڏنائون.

اسلام پکيڙڻ ۽ مسلمانن جي مدد لاءِ حضرت ابوبڪر

رضہ جاني توڙي مالي قربانيون ڏنيون. هجرت جي سفر ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم سان غار ثور ۾ گڏ رهيا، جنهن ڪري ڪين ”يار غار“ بہ چوندا آهن.

نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي وصال کان پوءِ کين خليفو چونديو ويو. پاڻ بہ سال ٽي مهينا خلافت ڪيائون ۽ تيرهن هجريءَ ۾ ٽيهٺ ورهين جي ڄمار ۾ وفات وقت چيائون تہ مون کي پراڻي ڪپڙي جو ڪفن ڏجو، نئين ڪپڙي جي ضرورت مُئلن کان جيئرن کي وڌيڪ آهي.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جو اصل نالو ڇا هو؟

ج: حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ جو اصل نالو عبدالله هو.

2. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ اسلام لاءِ ڪهڙيون قربانيون ڏنيون؟

ج: حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن فرمايو تہ ”اسلام کي جيترو نفعو ابوبڪر جي مال پهچايو آهي اوترو ٻئي ڪنهن جي مال نہ پهچايو آهي“. حضرت ابوبڪر صديق رضہ سيني مسلمانن جي مدد ڪندا هئا. اسلام جي شروعاتي دؤر ۾ جن غلامن اسلام قبول ڪيو تہ ڪافر مالڪ تڪليفون ڏيندا هئا تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ اهي غلام خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيندا هئا. جنگ تبوڪ ۾ جڏهن حضرت محمد صلي الله عليه وآلهٖ وسلم سيني مسلمانن کي مالي مدد ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ گهر جو سمورو سامان کڻي اچي حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم

جن جي اڳيان رکيو.

3 ”يار غار“ جي معنيٰ ڇا آهي ۽ اهو ڪنهن جو لقب آهي؟

ج ”يار غار“ جي معنيٰ آهي جيڪو غار ۾ ساٿي هو ۽ اهو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو لقب آهي.

4 وفات وقت حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه ڪهڙي وصيت ڪئي؟

ج وفات وقت حضرت ابوبڪر صديقؓ فرمايو تہ مون کي پراڻي ڪپڙي جو ڪفن ڏجو، نئين ڪپڙي جي ضرورت مئلن کان وڌيڪ جيئرن کي آهي ۽ مون خلافت جي وقت ۾ اُجوري طور جيڪا رقم مسلمانن جي مال مان ڪنئي آهي، اها منهنجي ذاتي ملڪيت مان واپس ڪئي وڃي.

ب صحيح جواب چونڊيو.

1 حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه جو نالو ___عبدالله___ هو.

(i) عبدالڪريم (ii) عبدالله ✓ (iii) عبدالواحد

2 پاڻ رضي الله عنه ___مڪي شريف___ ۾ پيدا ٿيا.

(i) مديني شريف (ii) جَدي (iii) مڪي شريف ✓

3 ___انصاف ۽ عدالت___ جو ڪم اسلام کان پهريان سندن حوالي هو.

(i) واپار ۽ زراعت (ii) انصاف ۽ عدالت ✓ (iii) تعليم ۽ قانون

4 اسلام آڻڻ مهل حضرت ابو بڪر صديق رضي الله عنه وٽ ___چاليهہ___ هزار دينار هئا.

(i) چاليهہ ✓ (ii) پنجاهہ (iii) سٺ

5 سندن خلافت ـــــ ٻہ سال ٽي ـــــ مهينا هلي.

(i) ٻہ سال چار (ii) ٻہ سال ٻہ (iii) ٻہ سال ٽي ✓

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سندن | انهن جو | ڪين | انهن کي |
| ڪانئن | انهن کان | ڪيس | ان کي، هن کي |
| سندس | ان جو، هن جو | ڪانئس | ان کان، هن کان |

## د ٽن آوازن وارا چار لفظ لکو: جيئن: سجايو

| | |
|---|---|
| اَجايو | رڪايو |
| مِٽايو | ڏڪايو |



# ٻين سان ڀلائي ڪرڻ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| چڱائي | ڀلائي | سُکيو | خوش |
| مدائي | برائي | جيون | زندگي |
| سٺي | ڀلي | بسر | گذر |

## شعرن جي تشريح

بيت:

چڱو آهي سڀ سان چڱائي ڪجي،
ڪڏهن ڪين ڪنهن سان مدائي ڪجي.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو ته هر ڪنهن ڪي سيني سان ڀلائي ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن سان به برائي نه ڪرڻ گهرجي.

بيت:

چوي دل جي تنهنجي ته ٻيا ڪن ڀلائي،
ته پوءِ تون به ٻين سان ڪندو ڪر چڱائي.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو ته جيڪڏهن تنهنجي دل چاهي ٿي ته توسان ڪو ڀلائي ڪري ته ضروري آهي ته تون به ٻين سان ڀلائي ڪندو ڪر.

بيت:

اڇي كم ٿو جيكو ٻ ٻين جي ادا
حقيقت آ تنهن سان رهي خوش خدا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو ته جيكو ٻين جي كم ايندو آهي، ته ان سان الله سائين خوش ۽ راضي ٿيندو آهي.

بيت:

ڀلائي كرڻ سان ملي ٿي خوشي،
سُني سُهڻي سچ پچ رهي زندگي.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو ته ڀلائي كرڻ سان دل كي خوشي ملندي آهي ۽ زندگي ٻه سني لڳندي آهي.

بيت:

چڱو كر ته تنهنجو ٻه ٿيندو چڱو،
خدا ان جو بدلو ٻه ڏيندو چڱو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو ته جيكڏهن تون كنهن سان ڀلائي كندين ته توسان ٻه كوئي ڀلائي كندو جو ته خدا تعاليٰ ڀلائيءَ جو بدلو ڀلائيءَ سان ڏيندو آهي.

بيت:

كندين كنهن سان ” غازي“ چڱي اگر،
سُكيو تنهنجو جيون ٿي ويندو بَسر.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو ته كنهن سان جيكڏهن ڀلائيءَ كندين ته تنهنجي ٻه زندگي سُكي گذري ويندي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اسان کي ڪنهن سان چڱائي ڪرڻ گهرجي؟

ج: اسان کي سڀني سان چڱائي ڪرڻ گهرجي.

2. خدا ڪنهن سان خوش رهي ٿو؟

ج: جيڪو ٻين جي ڪم اچي ٿو خدا ان سان خوش رهي ٿو.

3. ڀلائي ڪرڻ سان ڇا ملندي آهي؟

ج: ڀلائي ڪرڻ سان خوشي ملندي آهي.

## ب هيٺيان بند مڪمل ڪريو:

1. چوي دل جي ٽنهنجي ته ٻيا ڪن ڀلائي
2. ته پوءِ تون به ٻين سان ڪندو ڪر چڱائي
3. چڱو ڪر ته ٽنهنجو به ٿيندو چڱو
4. خدا ان جو بدلو به ڏيندو چڱو

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| خوش | ناخوش | سٺي | خراب |
| ڀلائي | برائي | زندگي | موت |
| سکيو | ڏکيو | سچ | ڪوڙ |

## د هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| مدائي | برائي | بسر | گذر |
| بدلو | انتقام | چڱائي | نيڪي |
| بسر ڪرڻ | گذارڻ | زندگي | حياتي |

## ر هيٺين لفظن تي جدا جدا اعرابون ڏيئي نوان لفظ ٺاهيو:

| | |
| --- | --- |
| سَٿ | سُٿ |
| ڪُٿ | ڪَٿ |
| ڀُٿ | ڀٿ |
| ڪَنُ | ڪَنِ |

# جهنڊي جي عزت



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| بقاء | هميشه رهڻ جي حالت | سرانجام | ڪم پورو ڪرڻ |
| سونپيو | حوالي ڪيو | ڏُر | پاسو |
| سوڀ | فتح | پهرو | چوڪيداري |
| بي ترتيب | جنهن جي ترتيب نه هجي | ياڄ | ڊوڙ |
| اٽل بينو | پختو بينو | گهيري | احاطي |
| ڪوڙ | الاهي / گهڻا | ايرندو | متي چڙهندو |

### خلاصو

هر ملڪ کي پنهنجي قومي نشان طور پنهنجو جهنڊو هوندو آهي، جنهن ۾ جدا جدا نشان هوندا آهن، اسان جي جهنڊي ۾ اڇو ۽ سائو رنگ آهي. سائي رنگ تي چنڊ ۽ تاري جو نشان

آهي. رسول پاڪ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي زماني ۾ مصعب رضہ نالي هڪ شخص کي احد جي لڙائيءَ ۾ اسلامي جهنڊو سونپيو ويو. دشمن پوريءَ طرح سان ڪوشش ڪئي ته مسلمانن جو جهنڊو ڪيرايو وڃي، پر حضرت مصعب رضہ سخت زخمي ٿيڻ باوجود جهنڊي کي هيٺ ڪرڻ نه ڏنو. اسان پاڪستاني به پنهنجي ملڪ جي جهنڊي جي گهڻي عزت ڪندا آهيون. اسان کي به گهرجي ته بزرگن وانگر پنهنجي ملڪ ۽ قومي جهنڊي جي عزت خاطر هر طرح جي قرباني ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهون.

## مشق

**(١) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

(1) هر ملڪ کي پنهنجو جهنڊو ڇو هوندو آهي؟

(ج) جهنڊو هر ملڪ کي قومي نشان طور هوندو آهي.

(2) پاڪستاني جهنڊي ۾ ڪهڙا نشان آهن؟

(ج) پاڪستاني جهنڊي ۾ چنڊ ۽ تاري جا نشان آهن.

(3) حضور ﷺ احد جي لڙائيءَ ۾ جهنڊو ڪنهن کي سونپيو؟

(ج) حضور صلي الله عليه وآلہٖ وسلم احد جي لڙائيءَ ۾ جهنڊو اصحابي حضرت مصعب رضي الله تعاليٰ عنه کي سونپيو.

(4) حضرت مصعب رضي الله عنه ڪهڙي طرح اسلامي جهنڊي جي حفاظت ڪئي؟

(ج) حضرت مصعب رضي الله تعاليٰ عنه کي جڏهن دشمن گهيري ورتو تڏهن به هو جهنڊي کي سنڀالي دشمن سان وڙهندو رهيو. دشمن جي لشڪر جي خواهش هئي ته جهنڊي کي ڪيرايو وڃي پر حضرت مصعب رضي الله تعاليٰ عنه ڪوڙ سارا زخم رسڻ ڪان پوءِ به جهنڊي کي هيٺ ڪرڻ نه ڏنائين.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. جهنڊو هر ملڪ کي قومي نشان طور هوندو آهي.

(i) ذاتي (ii) قومي ✓ (iii) مذهبي

2. پاڪستان جي جهنڊي ۾ اڇو ۽ سائو رنگ آهي.

(i) اڇو ۽ ڪارو (ii) اڇو ۽ سائو ✓ (iii) اڇو ۽ ڳاڙهو

3. پاڻ سڳورن ﷺ احد جي لڙائيءَ ۾ اسلامي جهنڊو حضرت مصعبؓ کي سونپيو.

(i) حضرت مصعبؓ ✓ (ii) حضرت عمر فاروقؓ

(iii) حضرت حمزهؓ

4. اڳين مسلمانن جيان اسان کي بہ ملڪ جي جهنڊي جي حفاظت لاءِ جان جي پرواهہ نہ ڪرڻ گهرجي.

(i) مال (ii) گهر (iii) جان ✓

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. هر ملڪ جي جهنڊي تي جدا جدا نشان هوندا آهن. ص
2. ان موقعي جو فائدو وٺي دشمن جو لشڪر واپس آيو. ص
3. اسان پاڪستاني بہ پنهنجي جهنڊي جي تمام گهڻي عزت ڪندا آهيون. ص
4. لڙائي سخت نہ هئي پر هرڪو پنهنجي ڍُر جي سوڀ لاءِ وڙهي رهيو هو. غ
5. جهنڊو هر ملڪ کي مذهبي نشان طور هوندو آهي. غ

هڪ شيءِ کي واحد ۽ گھڻين شين کي جمع چئبو آهي:

جيئڻ خوشي خوشيون

د ساڳيءَ ريت هيٺين جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| بلندي | بلنديون | رات | راتيون |
| وڏي | وڏيون | دشمني | دشمنيون |
| حياتي | حياتيون | روشني | روشنيون |

ر قومي جھنڊي بابت پنج جملا لکو.

جھنڊو هر ملڪ جي قومي نشان طور هوندو آهي.

قومي جھنڊي جي بلنديءَ لاءِ جان جي پرواهه نه ڪرڻ گھرجي.

ملڪ جي بقاء، عزت ۽ مان وڌائڻ لاءِ جھنڊي کي هر وقت بلند رکڻو آهي .

اسان کي قومي جھنڊي جي تمام گھڻي عزت ڪرڻ گھرجي.

قومي جھنڊي کي ڪڏهن بہ هيٺ ڪرڻ نہ ڏجي ۽ ان کي بلند رکڻ جي هميشه ڪوشش ڪرڻ گھرجي.

# اڄوڪو ڏينهن



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جهولايو | لوڏايو | آجيان | استقبال / آڌرياءُ |
| انتهائي اهم | تمام ضروري | نهراءُ | تجويز، رٿ |
| ڳُڙ | دعويٰ، چانهه | رهڻيون ڪهڻيون | زندگي گذارڻ جا طريقا |
| وجود | ٺهڻ | روايتون | رسمون |
| صدري | لباس جو قسم | پهراڻ | قميص |
| | ثقافت | تهذيب | |

### خلاصو

استاد شاگردن کي چيو ته سڀاڻي موڪل آهي، پر اوهين اسڪول اچجو! اسڪول ۾ منائي ورهائي ويندي ۽ اسڪول ۾ جهنڊو به جهولايو ويندو. ٻئي ڏينهن شاگرد گڏ ٿيا ته ترانو ڳايو ويو ۽ جهنڊي کي سلامي ڏيئي چت تي جهولايو ويو ۽ شاگرد اچي هال ۾ گڏ ٿيا. نورل جي سوال ڪرڻ تي استاد صاحب ٻڌايو ته اڄوڪي ڏينهن 23 مارچ جي اهميت ان ڪري آهي جو 1940 ۾

اڄوڪي ڏينهن تي لاهور شهر ۾ اسان جي پياري ملڪ پاڪستان جو نهراءُ منظور ٿيو هو. ان جاءِ تي هاڻي يادگار طور مينار پاڪستان ناهيو ويو آهي. هن شاگردن کي ٻڌايو تہ مسلمان ۽ هندو هن ننڍي کنڊ ۾ ٻہ وڏيون قومون رهنديون هيون. مسلمانن جا اصول، تهذيب ۽ روايتون هندن کان ڌار آهن. ان ڪري مسلمانن قائداعظم محمد علي جناح جي اڳواڻيءَ ۾ پاڪستان جي گهر ڪئي. نيٺ سندن ڪوشش سان 14 آگسٽ 1947ع پاڪستان نهيو، جتي اڄ اسين سڀ آزاديءَ سان اسلامي اصولن مطابق زندگي گذاري رهيا آهيون.

## مشق

**1 هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. مسلمانن پنهنجي لاءِ ڌار ملڪ جي گهر ڇو ڪئي؟

ج: ننڍي کنڊ ۾ ٻہ وڏيون قومون مسلمان ۽ هندو رهنديون هيون. مسلمانن جا اصول، رهڻيون ڪهڻيون ۽ روايتون هندن کان مختلف هيون ان ڪري مسلمانن کي پنهنجي زندگي اسلامي اصولن مطابق گذارڻ ۾ مشڪل پئي لڳي. تنهنڪري هنن الڳ وطن پاڪستان جي گهر ڪئي.

2. پاڪستان جا ماڻهو ڪهڙي قسم جي پوشاڪ پائيندا آهن؟

ج: پاڪستان جا ماڻهو مختلف قسمن جي پوشاڪ پائيندا آهن. سنڌي سلوار قميص ۽ ٽوپي پائيندا آهن ۽ ڪلهن تي اجرڪ بہ هوندو اٿن. پنجاب ۾ ماڻهو قميص پائين، گوڏ ٻڌن ۽ پٽڪو پائيندا آهن. بلوچستان جا ماڻهو وڏي سلوار ۽ وڏين بانهن واري پهراڻ جي مٿان صدري پائين ۽ پيرن ۾ ٿلهو چپل پڻ پائيندا آهن.

3. پاڪستان جي قومي ٻولي ڪهڙي آهي؟

ج. پاڪستان جي قومي ٻولي اردو آهي.

4. اسان 23 مارچ ڇو ملهائيندا آهيون؟

ج. هي ڏينهن اسان لاءِ انتهائي اهم آهي. هن ڏينهن تي اسان جي پياري ملڪ پاڪستان جو نهراءُ منظور ٿيو. ۽ مسلمان ننڍي کنڊ ۾ پنهنجي الڳ ملڪ ناهڻ جي گهر ڪئي. ان ڪري اسان 23 مارچ انتهائي جوش ۽ جذبي سان ملهائيندا آهيون.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. پاڪستان جو نهراءُ __23__ مارچ تي پاس ٿيو هو.

(i) 21 (ii) 22 (iii) 23 ✓

2. ان ڪان پوءِ جهنڊو وري __ڇت__ تي جهولايو ويو.

(i) فليٽ (ii) ڇت ✓ (iii) ماڙيءَ

3. پوءِ سڀ شاگرد __هال__ ۾ گڏ وينا.

(i) ميدان (ii) هال ✓ (iii) ڪلاس

4. هن ڏينهن تي اسلام آباد ۾ __31__ توبن جي سلامي ڏني ويندي آهي.

(i) 29 (ii) 30 (iii) 31 ✓

5. صوبن جي گاديءَ وارن شهرن ۾ __21__ توبن جي سلامي ڏني ويندي آهي.

(i) 21 ✓ (ii) 23 (iii) 25

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اهم | عام | ڪالهه | اڄ |
| جدا | گڏ | منظور | نامنظور |
| ٿلهو | سنهو | استاد | شاگرد |

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| جهنڊو | جهنڊا | روايت | روايتون |
| قوم | قومون | مثائي | مثايون |
| قطار | قطارون | ڪوشش | ڪوششون |

## ر هيٺيان جملا درست ڪري لکو:

| | |
|---|---|
| ڳل آهي مون ڪي. | مون ڪي ڳل آهي. |
| تو سبق پڙهان مان. | مان سبق پڙهان تو. |

# وطن جي حب












## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معني | لفظ | معني |
|---|---|---|---|
| نيارو | مختلف | نرالو | مختلف |
| ناري | ٽڙوڪري | ٽاڏل | ٽڏڪار |
| فرحت | راحت / آرام | سونهن | حسن / خوبصورتي |
| ديس | وطن | الفت | محبت |
| سانوٽي | مينهن جي مند | مڇن | لڳن |

# شعرن جي تشريح

**بيت:**

نيارو نرالو اسان جو وطن،
اکين کي جو ٺاري ڇڏي ٿو وطن
اسان جو وطن آهي پيارو وطن

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ وطن جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته اسان جو وطن ٻين ملڪن کان الڳ آهي. اسان جو وطن اسان جي اکين جو ٺار آهي. اسان جو وطن تمام پيارو آهي.

**بيت:**

وسن مينهن ٿر تي ٿي ٿاڌل ٿئي
اکين کي هي ساوڪ ٿي فرحت ڏيئي
اسان جو وطن سونهن وارو وطن
اسان جو وطن آهي پيارو آهي

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ وطن جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته اسان جي وطن خاص ڪري ٿر جي علائقي ۾ مينهن جي وسڻ سان ٿڌڪار ۽ ساوڪ ٿي ويندي آهي ۽ اها ساوڪ مزو ڏيندي آهي. اسان جو وطن ڏاڍو خوبصورت آهي. اسان جو وطن تمام پيارو آهي.

**بيت:**

وطن جي محبت ئي ايمان آ
سواءِ تنهن کان بيڪار انسان آ
هميشه اسان جو هاڪارو وطن
اسان جو وطن آهي پيارو وطن

سمجھاڻي: هن هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ وطن جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ وطن سان محبت ايمان جو حصو آھي ۽ انھيءَ ايمان ڪان سواءِ انسان بيڪار آھي. اسان جي وطن جو هميشہ نالو اوچو رهيو آھي. اسان جو وطن تمام پيارو آھي.

بيت:

اسين ديس پنھنجي سان الفت ڪريون
صبح شام تنھن جي پيا خدمت ڪريون
ڪريون پيار تنھن سان آ پيارو وطن
اسان جو وطن آھي پيارو وطن

سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ وطن جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ اسان پنھنجي وطن سان پيار ڪريون ٿا هر وقت پنھنجي ملڪ جي خدمت ڪريون ٿا. ان سان پيار ان ڪري ٿا ڪريون جو اسان جو وطن تمام پيارو آھي.

بيت:

جڏھن سانوڻيءَ جون هوائون گُھلن
پوءِ سنڌوءَ تي ” غازي“ ٿا ميلا مچن
خوشيءَ جو ڏيئي ٿو گذارو وطن
اسان جو وطن آھي پيارو وطن

سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ وطن جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ جڏھن سانوڻ جون هوائون گُھلنديون آھن تہ سنڌوءَ تي خوشين جا ميلا مچندا آھن. هر ڪو خوش نظر ايندو آھي. اسان جو وطن تمام پيارو آھي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڇا تي اکين کي فرحت ڏيئي؟

ج: ساوڪ اکين کي فرحت ڏيئي ٿي.

2. وطن جي محبت ڇا آهي؟

ج: وطن جي محبت ايمان آهي.

3. اسان کي صبح شام ڪنهن جي خدمت ڪرڻ گهرجي؟

ج: اسان کي صبح شام پنهنجي وطن جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

## ب هيٺيان لفظ ٻيهر درست ڪري لکو.

| غلط | درست |
|---|---|
| وتن | وطن |
| سبح | صبح |
| علفت | الفت |
| کدمت | خدمت |
| فرهت | فرحت |
| بيقار | بيڪار |

## ج هيٺ ڏنل جملن مان صحيح جملا چونڊيو:

| | |
|---|---|
| اڄ اسان جي اسڪول ڪلي آهي. | |
| مون هٿ صاف ڪيا آهن. ✓ | مون هٿ صاف ڪيا آهن. |

| | |
|---|---|
| قاسم ماني کاڌو. | |
| اسان روز سبق ياد ڪندا آهيون.✓ | اسان روز سبق ياد ڪندا آهيون. |

## د نظم جا هيٺيان بند مڪمل ڪريو:

1. نيارو نرالو اسان جو ___وطن___
2. اڪين ڪي جو ناري ڇڏي تو ___وطن___
3. اسين ديس پنهنجي سان ___الفت___ ڪريون
4. صبح شام تنهن جي پيا ___خدمت___ ڪريون

## ر هن نظم مان هم آواز لفظ چونڊيو.

جيئن الفت ۽ خدمت هم آواز لفظ آهن.

توهان اهڙا ٻيا هم آواز لفظ لکو.

| | |
|---|---|
| بيڪار _ پيار | نيارو _ پيارو |
| گهلن _ مچن | ايمان _ انسان |
| | |

سبق 11



# پرت جو ڪم

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| گھٽي ياڳي | گھٽو ڪري | تر گھير | هينيون حصو |
| بوڇڻ | پوتڙو، انگوچو | هِريل | عادت وڌل |
| سگھڙ | سيبتي | ڏيک | نظارو |
| چونڪڙي | چوڪندي | گلڪاري | چٽساليءَ جو ڪم |
| ڪتا | اوني چادرون | تل | گھوڙي جي سنج جو نالو |
| اٽاوت | اُٽڻي | ڪيس | رنگين ڪپڙي جو قسم |
| خرچ پکو | خرچو | شهہ | هار، شڪست |

## خلاصو

سنڌ جي گھريلو هنرن ۾ پرت جي هنر کي چڱي اهميت حاصل آهي. پرت جو ڪم گھڻو ڪري گھرن ۾ عورتون ڪنديون آهن. سنڌ جي ڌار ڌار ڀاڱن ۾ پرت جا قسم ۽ نمونا بہ ڌار ڌار تين ٿا. اوهان سنڌي ٽوپي تہ ڏٺي هوندي. ڏسو تہ انهيءَ تي ڌاڳن توڙي زريءَ ۾ ٽڪن جي مدد سان ڪھڙيون نہ سھڻيون ڊزائنون نھيل هونديون آهن. ڪي سڄيون پوتيون ۽ چوٽلا سھڻي پرت

سان سينگاريل هوندا آهن. عام عورتون پنهنجا وڳا سٽ جي پرت سان تيار ڪرائين ٿيون. جڏهن اجان پرڻ ۽ سبڻ جون مشينون نہ نڪتيون هيون، تڏهن اهو سمورو ڪم گهر ۾ عورتون هٿن سان ڪنديون هيون ۽ پورهيو ڪري گهر جي خرچ پکي ۾ مدد ڪنديون هيون. ٽوپي جي ڪمن ۾ سنڌ جون رليون گهٽيون مشهور آهن، جيڪي چادرن، ڪيسن ۽ غاليچن کي بہ شهه ڏيو چڏين.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 توهان پرت جا ڪهڙا قسم ڏٺا آهن؟

ج اسان پرت جا مختلف قسم ڏٺا آهن جيئن: هُرمُچ، موتي ٽاڪو، گوبي ٽاڪو، ڪشميري پرت، زنجير ٽاڪو وغيره.

2 سنڌي ٽوپين تي پرت جو ڪم ڪير ڪندو آهي؟

ج سنڌي ٽوپين تي پرت جو ڪم عورتون ڪنديون آهن.

3 لوئين تي گلڪاريءَ جو ڪم ڪيئن ٿيندو آهي؟

ج لوئين تي گلڪاريءَ جو ڪم آرن ذريعي ٿيندو آهي.

4 پرت ۽ ٽوپي جي هنر ۾ سنڌ جون ڪهڙيون شيون گهٽيون مشهور آهن؟

ج پرت ۽ ٽوپي جي هنر ۾ سنڌ جون رليون تمام گهٽيون مشهور آهن جيڪي تمام گهٽي محنت سان تيار ڪيون وڃن ٿيون.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. ـــــ پرت ـــــ جي ڪم کي گهرو هنرن ۾ گهڻي اهميت حاصل آهي.
2. پرت جا قسم ۽ نمونا سنڌ جي جدا جدا پاڱن ۾ ـــــ مختلف ـــــ آهن.
3. ـــــ ٿرپارڪر ـــــ جون رليون ۽ ڪتا بہ تمام سهڻا هوندا آهن.
4. اهو ـــــ ڪاريگر ـــــ هٿن جي اوزارن سان ٺاهي ڪندا آهن.
5. پرت جو ڪم انتهائي ـــــ نازڪ ـــــ پر شاندار ٿيندو آهي.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. پرت جي ڪم کي گهرو هنرن ۾ گهڻي اهميت حاصل نہ آهي. غ
2. پرت جا قِسم ۽ نمونا سنڌ جي جدا جدا پاڱن ۾ مختلف آهن. ص
3. سنڌ جي ٻين قومن جي پرت کان بلوچ ماڻهن جو پرت مختلف آهي. ص
4. ٿرپارڪر جون رليون ۽ ڪتا بہ تمام سهڻا هوندا آهن. ص
5. وڏن آرن جي وسيلي جُتين تي زري ۽ ريشم جو پرت ڀرجي ٿو. ص

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
| --- | --- | --- | --- |
| پاڱو | پاڱا | نمونو | نمونا |
| وچولو | وچولا | پوتي | پوتيون |
| چؤلو | چؤلا | وسيلو | وسيلا |

## ر اسم جا گڻ ۽ اوگڻ ڏيکاريندڙ لفظ صفت سڏبا آهن:

جيئن سنو ڇوڪرو. سلڇڻي ڇوڪري.

توهان اهڙا پنج صفاتي لفظ ٻڌايو.

1. هوشيار ڇوڪري چالاڪ ڇوڪرو
2. پيارو گل سٺي خوشبوءِ
3. محنتي عورت سست مرد
4. وڏو ڪتو ننڍي ٻلي
5. سٺي ڇوڪري ضدي ڇوڪرو

سبق 12

# مخدوم نوح

## رحمة الله عليه



### ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ورهين | سالن | لياقت پرکڻ | قابليت جاچڻ |
| ڍنگ | طريقو | فيض | فائدو |
| نذرانو | پئسا ڏيڻ | واعظ | نصيحت |
| بيعت | اطاعت | مفسر | تفسير بيان ڪندڙ |
| محدث | حديثون بيان ڪندڙ | فهم | سمجهه |
| چرچو | مشهوري | ورتاءُ | سلوڪ |
| رنج | ڏک / صدمو | بيائي | بغض |
| سرور ڪائنات | ڪائنات جو اڳواڻ | رحلت | وفات |
| | معتقد | عقيدو رکندڙ | |

**خلاصو**

سنڌ جي سرزمين تي ڪيترائي بزرگ، ولي ۽ صالح ٻانها پيدا ٿيا آهن، جن ۾ مخدوم نوح رحہ جو وڏو مرتبو ۽ مقام آهي. سنڌن خاندان، پهرئين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضہ مان آهي. حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي رحہ بہ انهيءَ خاندان مان آهي. مخدوم صاحب جن جا وڏا تبليغ جي ارادي سان

ملتان جي ويجهو ڪوٽ ڪروڙ ۾ اچي آباد ٿيا. بعد ۾ هو لڏي اچي هالا ڪنديءَ ۾ رهيا، جنهن کي اڄ ٽوڙي ڳوٺ ۾ پراڻا هالا چون ٿا. مخدوم نوح رحه جن 27 رمضان، سن 911 هجريءَ مطابق جمعي جي رات ڄاوا. سندن والد مخدوم نعمت الله، مٽن لطف الله نالو رکيو. ڪين پوءِ سرور نوح به سڏيو ويو. ستن ورهين جي عمر ۾ کين قرآن پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو.

هڪ ڀيري نئي ۾ ڪيترائي عالم ۽ طالب سندن علمي لياقت پرکڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا. هڪ آيت جون ايڏيون ته معنائون ڪيائون جو سڀ حيران ٿي ويا.

سندن گاديءَ کي اڄ به ”نو لکي گودڙي“ چيو وڃي ٿو. پاڻ ڪنهن حاڪم، زميندار يا مريد کان نذرانو نه وٺندا هئا. سندن تبليغ تي هزارين غير مسلم، مسلمان ٿيا. پاڻ وقت جا مفسر، محدث ۽ عظيم شاعر به هئا. پاڻ سڀ کان پهرين قرآن شريف جو فارسي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيائون. سندن ڪجهه سنڌي بيت به مليا آهن. پاڻ هر ڪنهن سان هڪجهڙو ورتاءُ ڪندا هئا. پنهنجن مريدن کي دوست سڏيندا هئا. سندن جماعت کي ”سروري جماعت“ چيو وڃي ٿو. سندن رحلت 27 ذوالقعد 997 هجريءَ ۾ ٿي.

## مشق

**١** هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. مخدوم نوح رَحِمَهُ اللهُ عَلَيْهِ جن ڪٿي پيدا ٿيا؟

ج: مخدوم نوح رحمة الله عليه جن پراڻا هالا ”جنهن کي ٽوڙي ڳوٺ

ج: سڏيندا هئا“ ۾ پيدا ٿيا.

2. مخدوم نوح رَحِمَهُ اللهُ عَلَيْهِ جن ڪهڙي خليفي جي اولاد مان هئا؟

ج: مخدوم نوح رحمة الله عليه جن مسلمانن جي پهرين خليفي

حضرت ابوبڪر رضي لله عنہ جي اولاد مان هئا.

3. سندن واعظ جو ماڻهن تي ڪهڙو اثر ٿيو؟

ج. هڪ ڀيري مخدوم نوح رحمة الله عليہ ٺٽي جي جامع مسجد ۾ نماز پڙهي واعظ ڪيو جيڪو ٻڌي ٻارهن هزار ماڻهن سندن هٿ مبارڪ تي بيعت ڪئي.

4. سندن جماعت کي ”سروري جماعت“ ڇو سڏيو ويندو آهي؟

ج. سرور ڪائنات صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي سنت تي هلڻ سندن جماعت کي ”سروري جماعت“ سڏجي ٿو.

5. عام ماڻهن کي وقت جي حاڪم کان ڇا وني ڏيندا هئا؟

ج. عام ماڻهن کي وقت جي حاڪم کان انصاف ڏياريندا هئا.

ج. صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. مخدوم نوح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ هڪ تمام وڏو بزرگ ۽ الله جو صالح ٻانهو آهي. ص

2. مخدوم نوح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ 27 ذوالحج سن 911ھ تي پيدا ٿيا. غ

3. پاڻ هڪڙي آيت جون ايترين معنائون ڪيائون جو سڀ دنگ رهجي ويا. ص

4. سرور ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمْ جي سنت تي هلڻ ڪري سندن جماعت کي سروري جماعت سڏجي ٿو. ص

5. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ 27 رمضان 997ھ ۾ رحلت ڪيائون. غ

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| خاندان | ڪٽنب |
| ساڙ | حسد |
| تبليغ | پيغام پهچائڻ |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| صديق | سچو |
| مرتبو | مان/ رتبو |
| رحلت | وفات/ گذاري وڃڻ |

## د هيٺيان لفظ ٻيهر درست ڪري لکو.

| غلط | صحيح |
|---|---|
| اخلاڪي | اخلاقي |
| فيز | فيض |
| نوھ | نوح |
| ھالت | حالت |
| رھلت | رحلت |
| واستو | واسطو |

سبق 13

# اخلاق



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | | |
|---|---|---|---|
| مروت | عاجزي / لحاظ | | |
| ريت | رسم | | |
| وير | دشمني | | |
| ڪينو | بغض | | |
| رسايو | پهچايو | محبت | پيار |
| بيڪار | بيجا، نڪمو | حياتي | زندگي |
| زمانو | دؤر | هرگز | ڪڏهن بہ |
| ايڪو | ٻَڌي | وانگي | جيان |

## شعرن جي تشريح

بيت:

مروت ۽ اخلاق سان ڪم هلايو،
زماني کي ان ريت پنهنجو بڻايو.

سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ مروت ۽ اخلاق سان زندگي گذاريو ۽ دنيا کي پنهنجو بڻايو.

بيت:

رهو گڏ تي ايڪي ۾ نيڪيءَ سان هردم
ڇڏي وير ڪينو محبت وڌايو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته هڪ ٻئي سان هميشه نيڪيءَ سان گذاريو، نفرت ۽ ڪينو ڇڏي محبت سان رهو.

بيت:

پلائي ٻه ان ۾ وڏائي ٻه ان ۾،
جو آرام هر ڪنهن کي ڏک ۾ رسايو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اوهان جي پلائي ۽ وڏائي ان ۾ آهي ته پاڻ کي تڪليف ڏئي ٻه ٻين کي آرام پهچايو.

بيت:

اَتوَ وقت دولت رکيو ياد دل تي،
نه بيڪار دولت انهيءَ کي وڃايو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته اها ڳالهه سدائين ڌيان ۾ رکو ته وقت تمام وڏي دولت آهي، ان ڪري ان کي اجايو هرگز ضايع نه ڪريو.

بيت:

حياتيءَ ۾ هرگز ڪندا ڪين بڻجو،
گلن وانگي خوشبوءِ هر جاءِ رسايو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته ڪنهن جي زندگيءَ لاءِ ڪڏهن ٻه ڪندا نه بڻجو، بلڪ سيني کي گلن وانگي خوشبوءِ رسايو.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. زماني کي ڇا سان پنهنجو ٻانئي سگهجي ٿو؟

ج: مروت ۽ اخلاق سان ڪم ڪري زماني کي پنهنجو ٻانئي سگهجي ٿو.

2. ڇا ڇڏي ڪري محبت وڌائڻ گهرجي؟

ج: وير ڪينو ڇڏي ڪري محبت وڌائڻ گهرجي.

3. هي نظم ڪنهن جو لکيل آهي؟

ج: هي نظم محمد اسماعيل عرساڻي جو لکيل آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. مروت ۽ ___اخلاق___ سان ڪم هلايو
2. رهو گڏ ٿي ايڪي ۾ ___نيڪيءَ___ سان هردم
3. ___ڀلائي___ ۾ ان ۾ وڌائي ۾ ان ۾
4. نہ بيڪار ___دولت___ انهيءَ کي وڃايو

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| نيڪي | نيڪيون | زمانو | زمانا |
| گُل | گَل | ڏُک | ڏَک |
| ڳَندو | ڳندا | حياتي | حياتيون |

سبق 14

# سورج مکي



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| | | گذاري | جياپي |
| فائدو | نفعو | بيشمار | انيڪ |
| پئسا | ناڻو | فائدي وارو | ڪارائتو |
| آڙ، جهليون | اوڙڪيون | هيناهان | اونها |
| جانورن جي جڳهه | وٿاڻ | ڦٽڻ | ڦوٽهڙو |
| پيداوار | اُپت | مڃڻ | تصديق |
| ڪٽائي | لابارو | پکين جا ٽولا | جهار |
| زراعت جا سنڀاليندڙ | زرعي ڪائونسل | ٻارين | ڪري |

## خلاصو

الله سائينءَ انسانن جي جيئڻ لاءِ جيئن هوا، باهه، پاڻي ۽ ٻيون ضروري شيون پيدا ڪيون آهن، تيئن ڪاڌو به انهن لاءِ ضروري آهي. ڪاڌي ۾ به الله سائينءَ انيڪ قسمن جون شيون پيدا ڪيون آهن، جيئن جسم جي طاقت لاءِ گوشت ۽ سٽَ جا جزا ڪاڌي جي وسيلي ملندا رهن. سرنهن، ڄانيو، توريو ۽ سورج مکي تيلي ٻج آهن، جن مان سورج مکي اهم ۽ ڪارائتو آهي. ان جو تيل انسانن لاءِ مفيد آهي. هي ٿوري مدي وارو، گهٽ

پاڻي پيئڻ وارو، ٿوري خرچ وارو ۽ نفعي وارو فصل آهي. هي فصل بهار ۽ سرءُ جي مند ۾ پوکي سگهجي ٿو. سورج مکي پوکڻ لاءِ زمين کي ٻه اونها هر ڏيئي، پتر پيچي سنوت ۾ آڻي، پوءِ ٻارا ناهجن جيئن زمين سولائيءَ سان پاڻي اچي سگهي. ناڙيءَ رستي پوکڻ سان ٻج جو ڦوٽهڙو وڌيڪ ٿئي ٿو. فصل جون اوڙڪون سڄيون کڏجن جيئن سج جي روشني ۽ هوا جو گذر آسانيءَ سان ٿي سگهي. سورج مکيءَ جي بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ هر ايڪڙ ۾ ويهن کان پنجويهه هزار ٻوٽا پوکڻ گهرجن. اهڙي طرح 25 کان 30 مڻ في ايڪڙ اُپت حاصل ڪري سگهجي ٿي. سورج مکيءَ جو ٻج تصديق ٿيل وٺڻ گهرجي. فصل کي سائو پاڻ، وٿاڻ جو پاڻ يا ڪيميائي پاڻ ڏجي. فصل کي گند گاهه، نقصانڪار جيتن ۽ جهار کان بچائڻ جو مناسب بندوبست ڪجي. هي فصل اهڙو آهي، جنهن مان چڱو ناڻو ملي ٿو. دل جي تڪليف هاءِ بلڊ پريشر ۽ جسم ۾ چربي جمي وڃڻ جهڙين خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ لاءِ سورج مکيءَ جو تيل استعمال ڪرڻ گهرجي.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. تيلي ٻجن جا نالا لکو.

ج: ڄانبو، سرنهن، توريو ۽ سورج مکي.

2. هن فصل جي پوکائي ڪهڙن مهينن ۾ ڪبي آهي؟

ج: هن فصل جي پوکائي بهار ۽ سرءُ جي مهينن ۾ ڪبي آهي.

3. سورج مکيءَ جي چڱي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ايڪڙ ۾ ڪيترا ٻوٽا لڳائڻ گهرجن؟

ج سورج مکيءَ جي چڱي پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ايڪڙ ۾ ويهن کان پنجويهه هزار ٻوٽا لڳائڻ گهرجن.

4 سورج مکيءَ جو لابارو ڪڏهن ڪبو آهي؟

ج سورج مکيءَ جي گلن جو جڏهن هيٺيون پاسو پِيلو ٿي وڃي ته لابارو ڪبو آهي.

5 سورج مکيءَ جو تيل ڪهڙين بيمارين لاءِ فائديمند آهي؟

ج سورج مکيءَ جو تيل دل جي تڪليف، هاءِ بلڊ پريشر ۽ جسم جي بين خطرناڪ بيمارين ۽ چربي جمي وڃڻ وارين بيمارين لاءِ فائديمند آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو .

1. سورج مُکيءَ جو فصل پوکڻ لاءِ زمين کي ___ٻه___ اونها هر ڏبا آهن.
2. ___جانيوءِ سرنهن___، ___توريو ۽ سورج مکي___ تيلي ٻج آهي.
3. هي ___تيل___ کاڌ خوراڪ لاءِ ٻه انتهائي اهم آهي.
4. ___بهار___ ۽ ___سرءُ___ جي موسم ۾ هي فصل پوکبو آهي.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. سورج مکيءَ جو تيل ___انسانن___ لاءِ فائديمند آهي.

(i) جانورن (ii) پکين (iii) انسانن ✓

2. هي گهٽ پاڻي پيئندڙ ۽ ___توري وقت___ ۾ تيار ٿيندڙ فصل آهي.

(i) توري وقت ✓ (ii) گهڻي وقت (iii) وچولي وقت

3. ___بهار___ ۽ ___سرءُ___ جي موسم ۾ هي فصل پوکبو آهي.

(i) سرءُ، خزان (ii) بهار، سرءُ ✓ (iii) اونهاري، بهار

4 سورج مکيءَ کي پوکڻ لاءِ زمين کي ــــــ ٻه ــــــ اونها هَر ڏبا آهن.

(i) ٻه ✓ (ii) ٽي (iii) چار

5 هميشه تصديق ٿيل ــــــ ٻج ــــــ وٺڻ گهرجي.

(i) اناج (ii) ٻاڻ (iii) ٻج ✓

## د هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڦوٽهڙو | ڦٽي نڪرڻ | مفيد | فائدي وارو |
| اُپت | پيداوار | تصديق | سچائيءَ جي پَڪ |
| نفعي بخش | فائدي وارو | ذريعي | وسيلي |

# منداڻتا مينهن



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سارنگ | ساوڻ جي مند |
| وسڪارو | مينهن جو وسڻ |
| نرمل | ڪومل |
| نظارو | منظر |
| ڏوپي | پاڻيءَ سان صاف ٿي |
| مڙندي مايا | دولت گڏٿيندي |
| ٿيڙا | ٿيا |
| لاٽ لنون | ٻوليون ڪن |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

سارنگ راتِ ڪيو وسڪارو
ڪيڏو نرمل آهي نظارو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ رات مينهن وسڪارو ڪيو، تنهنڪري هاڻي خوبصورت ۽ وڻندڙ نظارو ٿو لڳي.

**بيت:**

وڻ ٽڻ ڏوپي اجرا ٿيڙا
ساوا ساوا سهڻا ٿيڙا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ مينهن جي وسڻ ڪري وڻ ٽڻ ٻوٽا پڻ صاف ٿي ويا آهن ۽ سر سبز ٿي پيا آهن.

بيت:

واهہ بہ پرجي وهندا هاڻي
ساوڪ ٿيندي رب ٿو ڄاڻي

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ مينهن جي وسڻ سان هاڻي واهہ بہ صفا پرجي ويندا ۽ هر طرف ساوڪ ٿي ويندي.

بيت:

سهڻا رنگيءَ رنگ رچايا
فصل بہ لهندا، مڙندي مايا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ الله سائينءَ ڪيڏا تہ خوبصورت فصل اُپايا آهن. هاڻي اهي فصل لهندا ۽ پيسا حاصل ٿيندا.

بيت:

ڇا تہ پڪيئڙا لات لنون ٿا
ڪا تہ اسان کي ڳالهہ چون ٿا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ پکي ڪيڏي پياري ٻولي ٿا ٻولين، لڳي ٿو تہ اسان کي ڪا ڳالهہ ٿا چون.

بيت:

سائينءَ کي ٿا سڀ ساراهيون
اڄ تہ گڏجي سارنگ ڳايون

سمجھاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو ته اسان سڀ الله سائينءَ جي تعريف ٿا ڪريون، اچو ته گڏجي ڪري برسات جا گيت ڳايون.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هاٿي ڇا پرجي وهندا؟

ج. هاٿي واهه پرجي وهندا.

2. فصل لهندا ته ڇا مڙندي؟

ج. فصل لهندا ته مايا مڙندي.

3. اسان سيئي ڪنهن کي ٿا ساراهيون؟

ج. اسان سيئي الله سائينءَ کي ٿا ساراهيون.

### ب هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| نظارو | نظارا | مائو | ماوا |
| اجرو | اجرا | سهٽو | سهٽا |
| پکيئڙو | پکيئڙا | فصلُ | فصل |

### ج هيٺين لفظن جا هم آواز لفظ لکو:

| | | |
|---|---|---|
| وڻ | ٽڻ | رڻ |
| ڄاٽي | ماٽي | هاٽي |
| لنون | چون | رَڙن |

سبق 16



# ٿرجا ماڻهو

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڏڪار | ڪحط | پاھ | ياڻ طور ڪرايندڙ |
| اَنگرڪو | پهراڻ | چني | رَئو |
| مريڙو | ياجيءَ طور ڪم ايندڙ | پسي | ڪرڙ جا گل |
| ڳاگيون | ڪاڏي جو قسم | ترائي | ننيڙو تلاءُ |
| ڇيڙ | وال جو ڦرَ | لانڍيون | جهونپڙيون |
| چؤنرا | جهوپڙيون | بار | وزن |
| جستجو | ڳولا | آمدورفت | اچ وڃ |
| برادري | پائيپي | لاريون | گاڏيون |
| پڊن | پَٽ | واهن | تلاءَ |
| پڪڙا | پونگيون | ماڳن | هنڌن |
| وسڪارو | مينهن جو وسڻ | جاڪوڙڻ | ڪوشش ڪرڻ |
| ڪرڙ | ڏاس جو نهيل غاليچو | پوئڻ | وجهڻ |
| ڪاهيون | ڪڏون | ميٺن مڙهڻ | |

## خلاصو

سنڌ پرڳڻي جي اوير طرف ٿرپارڪر ضلعي جي ڳچ حصي ۾ رڳو واريءَ جون ڀٽون آهن، اتي ڪو بہ واهہ نہ آهي، جنهن مان پوک کي پاڻي ملي. واهن جو پاڻي نہ هئڻ سبب اهو

سمورو حصو غيرآباد رهي ٿو. هن حصي کي ”ٿر“ سڏيو وڃي ٿو ۽ ان جي رهاڪن کي ”ٿري“ چوندا آهن. ٿر جا ماڻهو ڏاڍا غريب ۽ سادا آهن. ٿرين جا گهر ککن جا نهيل هوندا آهن. هي ماڻهو ڏاڍا مهمان نواز هوندا آهن. وٽن کو به لنگهي ويندو ته حال سارو سندس خدمت کندا ۽ نهايت خوش ٿيندا آهن. ٿر ۾ آمد و رفت جي ڏاڍي تڪليف آهي. ڪن ٿورين جاين تي لاريون هلن ٿيون، باقي سواري ۽ بار برداريءَ جو وسيلو اٺ آهي. سڪار وقت هو پنهنجي پڊن تي خوش هوندا آهن البته ڏڪار وقت پنهنجا ڪک ڇڏي، مال ڪاهي واهن واري ايراضيءَ ڏانهن ويندا آهن. ٿري ماڻهو پنهنجو توڙي پنهنجي مال جو علاج پاڻ ڪندا آهن. هي ماڻهو سنا هنرمند به آهن. سنڌ سرڪار ٿر جي سڌاري لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. ٿر جي ماڻهن جو لباس ڪهڙو آهي؟

ج. ٿر جي ماڻهن جو لباس تمام سادو آهي. مسلمان مرد پٽڪو، گوڏ ۽ صدري پائيندا آهن ۽ هندو انگرکو، ڌوتي ۽ پٽڪو ٻڌندا آهن. مسلمان عورتون پڙو، گج ۽ چني ڍڪين ٿيون ۽ هندو عورتون وري پڙو، جهبو ۽ پوتيون پائن ٿيون.

2. ٿر جا هنر ٻڌايو.

ج. ٿري ماڻهو ڏاڍا هنرمند آهن هو ڪتا ۽ لوئيون ڏاس مان ڪرڻ، ڪرڙيون، ڪاهيون ٻوڙا، فراسيون ۽ ڪاٺ مان هنا ۽ پاڪڙا تمام سنا ناهن ٿا. ٿري عورتون ميٽن مڙهڻ ۽ پوئڻ ۾ ۽ ڀرت ڀرڻ جون ماهر آهن.

3. ٿري ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ بابت احوال ڏيو؟

ج. ٿري ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي به تمام سادي آهي. ڪٽڪ، جوئر،

ٻاجهريءَ جي ماني ۽ مريڙي پلر جو ساڳ هنن لاءِ عيد جي ڏينهن برابر هوندو آهي. مگر، سائون گولون، ڳاڳيون، پسي ۽ چيڙ خوشيءَ سان کائيندا آهن. پيئڻ جو پاڻي هنن لاءِ وڏو مسئلو آهي. برسات جو جيڪو پاڻي تلائن ۾ گڏ ٿيندو سو ڪم آڻيندا آهن. ٿر جي ماڻهن جا گهر ڪکن جا ٺهيل آهن. ٿري ماڻهو ڏاڍا مهمان نواز آهن. ٿري علم ۽ هنر حاصل ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن جستجو ڪندا رهن ٿا. ٿر ۾ سواريءَ جو ذريعو اٺ آهن. آمدورفت جي ڏاڍي تڪليف آهي، تنهنڪري اڄايو سفر نہ ڪندا آهن. مينهن پوندو آهي تہ پنهنجي پدن تي هوندا آهن، خوش ڏسبا آهن. ڏڪار پوڻ تي واهن ويجهو وڃي پڪڙا اڏيندا آهن. ٿري ماڻهو پنهنجو ۽ پنهنجي مال جو علاج پاڻ ڪندا آهن.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. ٿر ضلعي جو گهڻو حصو واريءَ جي پٽن جو آهي. **ص**
2. اتان جي رهڻ وارن کي شهري چئجي ٿو. **غ**
3. ٿر جي ماڻهن جا گهر سيمينٽ جا ٺهيل هوندا آهن. **غ**
4. هتي مينهن پوڻ تي پوک ڪندا آهن. **ص**
5. مناسب سهولت نہ هجڻ ڪري ٿري ماڻهو گهڻو سفر ڪندا آهن. **غ**

## ج هيٺيان خال ڀريو

1. سنڌ جي هن حصي کي ___ٿر___ چئبو آهي.
2. ونو تہ ___ٿر___ نہ تہ آهي ___بر___ .
3. ٿري ماڻهو مهمانن جي ___حال___ سارو خدمت ڪندا آهن.
4. ٿري ماڻهن جي گذرسفر جو وسيلو ___مال___ آهي.

## د هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| رائو | چُني | قحط | ڏڪار |
| ڪوشش | جاکوڙ | پنهنجي حيثيت مطابق | حال سارو |
| خوشحالي | سڪار | ڪپڙا | لباس |

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| ضد | لفظ | ضد | لفظ |
|---|---|---|---|
| غريب | امير | سڪار | ڏڪار |
| غيرآباد | آباد | مشڪل | آسان |
| خانگي | سرڪاري | اُچا | سادا |

# موئن جو دڙو



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| پڙن | دڙن | آثار | نشان |
| نروار | ظاهر | ماڙي | علائقو |
| رهڻي ڪهڻي | زندگي گذارڻ جو طريقو | اوساري | اڏاوت |
| اونهون | هيٺانهون | چاڙهيون | ڏاڪڻيون |
| مورت | تصوير | اڪريل | چٽيل |
| ائٽ | چرخو | وونئڻ | ڪپهه |
| سياح | سير ڪرڻ وارا | ڪتڻ | ڌاڳو ٺاهڻ |
| | جوڳو بندوبست | مناسب انتظام | |

## خلاصو

پاڪستان ۾ قتل شهرن جا نشان ته گهڻائي آهن، پر انهن ۾ موئن جو دڙو گهڻو مشهور آهي. هي دڙو سنڌ جي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ موئن جي دڙي جي اسٽيشن کان ٽيرهن ڪلوميٽر پري آهي. هن شهر جون سڀ جايون هوادار ۽ پڪين سرن جون ٺهيل هيون. انهن مان ڪي ته ٻه ماڙ به هيون. بازار جا آثار به چٽا نظر اچن ٿا. رستا ڪشادا ۽ سڌا هئا. رستي کان گندي پاڻيءَ جي نيڪال جون ناليون به هيون . موئن جو دڙو هن وقت سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. ٻاهرين ملڪن جا ماڻهو هتي ايندا آهن ته موئن جو دڙو ضرور ڏسڻ ايندا آهن.

## مشق

### ① هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. موئن جو دڙو ڪهڙي ضلعي ۾ آهي؟

ج: موئن جو دڙو لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آهي.

2. هن دڙي جي کوٽائيءَ جو ڪم ڪنهن ڪرايو؟

ج: هن دڙي جي کوٽائيءَ جو ڪم انگريز حڪومت طرفان سرجان مارشل نالي هڪ انگريز ماهر ڪرايو.

3. دڙي جي کوٽائيءَ مان اسان کي ڪهڙيون شيون مليون آهن؟

ج: دڙي جي کوٽائيءَ مان اسان کي رانديڪا، سون، چانديءَ جا زيور، ٽامي ۽ ٽڪر جا ٿانو مليا آهن.

4. موئن جي دڙي جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو احوال لکو.

ج: 1922ع ۾ کوٽائيءَ دوران مليل ڄاڻ موجب سنڌو ماٿريءَ وارا آڳاٽي زماني ۾ سڌريل هنرمند ۽ خوشحال هئا، سندن رهڻي ڪهڻي تمام بهتر هئي. کوٽائيءَ مان اها به خبر پئي آهي ته شهر جون سڀ عمارتون پڪيون ۽ هوادار ٺهيل هيون، رستا سڌا ۽

ڪشادا هئا. هتي هر گهر ۾ پڪو کوهه پڻ ڏسڻ ۾ آيو آهي. هڪ وڏو تلاءُ بہ لڌو اٿئون، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ماڻهو اتي وهنجنداهئا. ٻنهي پاسن کان بازار ۾ دڪانن جا آثار بہ چٽا نظر اچن ٿا. ننڍين ڪوٺين وارو مندر پڻ ڏسڻ ۾ آيو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهي ڪوٺيون مندر جي پوڄارين لاءِ هيون. ڏڙي مان پٽر جا نهيل وڏ کٽ جا اوزار بہ مليا آهن ۾ هٿ اينڊڙ ائٽ بہ، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ عورتون ڪتڻ جو ڪم ڪنديون هيون.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. موئن جو دڙو سنڌ جي ضلعي ___لاڙڪاڻي___ ۾ آهي.
   (i) جيڪب آباد (ii) لاڙڪاڻي ✓ (iii) حيدرآباد
2. موئن جو دڙي اسٽيشن کان ___تيرهن___ ڪلو ميٽر پري آهي.
   (i) تيرهن ✓ (ii) چوڏهن (iii) پندرهن
3. سرجان مارشل ___1922___ ۾ موئن جي دڙي جي کوٽائي ڪرائي.
   (i) 1922 ✓ (ii) 1923 (iii) 1924
4. هتي هڪ تلاءُ بہ لڌو اٿئون جيڪو 21 ميٽر ڊگهو ۾ ___8 ميٽر___ ويڪرو ۾ اڍائي ميٽر اونهون آهي.
   (i) 7 ميٽر (ii) 8 ميٽر ✓ (iii) 9 ميٽر
5. هن دڙي مان هٿ اينڊڙ سکن تي ___ڍڳي___ جي مورت اڪريل آهي.
   (i) عورت (ii) گهوڙي (iii) ڍڳي ✓

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| قتل | ڊنل | آثار | نشان |
| قديم | پراڻو | نروار | ظاهر |
| اونهون | گهرائي وارو | چٽو | پڌرو |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
| --- | --- | --- | --- |
| آڳاٽي | پاڇاٽي | چاڙهيون | لاهيون |
| خوشحال | بدحال | بهتر | بدتر |
| مضبوط | ڪمزور | ظاهري | باطني |



# ڏيئو

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪکائن | ڪکن وارن | چؤنرن | جهوپڙين |
| گلشن | باغ | عيان | ظاهر |
| جوين | جواني | نشيمن | آرام گاهه |
| سُهائي | روشني | منجهيل | پريشان |
| سراسر | سڄي | دلسوز | دل ڏکو ئيندڙ |
| افروز | روشن ڪندڙ | ساڻ | گڏ |
| سرلاٽ | ڏيئي جي وٽ | جيوت | زندگي |
| | تن من | دل و جان | |

### خلاصو

بيت: ڪکائن گھرن کي تون روشن ڪرين ٿو،
غريبن جي چؤنرن کي گلشن ڪرين ٿو،
لٽي سچ عيان پنهنجو جوين ڪرين ٿو، سحر
تائين هر جاءِ نشيمن ڪرين ٿو،
مزورن ۽ ڪڙمين جو غمخوار آهين،
فقيرن جي مجلس جو سينگار آهين.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو تہ اي ڏيئا! تون جهوپڙين کي روشن ڪرين ٿو، غريبن جي جاين کي گلشن بڻائين ٿو. سج لٿي کان پوءِ پنهنجو جوين ظاهر ڪرين ٿو، صبح تائين هر هنڌ روشني ڪرين ٿو. مزورن ۽ هارين جو ساٿي آهين. فقيرن جي محفل کي سونهن ڏيندڙ آهين.

بيت:
سڄي تون ٻين کي ڏئين ٿو سهائي،
رکيل تو ۾ ڪيڏي نہ آهي چڱائي،
پري کان منجهيل جي ڪرين رهنمائي،
ڏيئا تو ۾ آهي سراسر سچائي،
سچو دوست دشمن تي دلسوز آهين،
سچائيءَ سان سڀ جو شب افروز آهين.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ڏيئي کي چوي ٿو تہ اي ڏيئا! تون پاڻ ٻري ٻين کي روشني ڏئين ٿو، تو ۾ برابر سچائي آهي. تون دوست دشمن سان هڪجهڙو آهين، سڀني جو خير خواهہ آهين.

بيت:
هوا ساڻ سرلات جو تو جهڪائين،
ٿو نوڙت ڪندي پنهنجي جيوت بچائين،
حياتيءَ جو مقصد سچو ٿو ٻڌائين،
ٻين لاءِ پنهنجو ٿو تن، من جلائين،
جلي جي ٻين کي سهائو ڏين ٿا،
لکين گهور تن تان پتنگا ٿين ٿا.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ڏيئي کي چوي ٿو تہ اي ڏيئا! جڏهن هوا لڳي ٿي تہ تون پنهنجي لاٽ کي جهڪائي ڇڏين ٿو ۽ هينانهين ڪندي پنهنجي روشنيءَ کي بچائين ٿو. پنهنجي حياتيءَ جو سچو مطلب ٻڌائين ٿو. ٻين لاءِ پنهنجو من جلائين ٿو. جيڪي

پاڻ جلي ٻين کي روشني ڏين ٿا، انهن تان لکين پروانا قربان ٿي وڃن ٿا.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. پاڻ سڙي ٻين کي سُهائي ڪير ٿو ڏي؟

ج: ڏيئو پاڻ سڙي ٻين کي سُهائي ڏي ٿو.

2. ڪکائن گهرن کي ڪير روشن ڪري ٿو؟

ج: ڪکائن گهرن کي ڏيئو روشن ڪري ٿو.

3. ڏيئو حياتيءَ جو مقصد ڇا ٿو ٻُڌائي؟

ج: ڏيئو حياتيءَ جو مقصد اهو ٻڌائي ٿو ته پاڻ کي ڏکن ۾ رکي به ٻين کي سک ڏجي.

4. هي نظم ڪنهن جو لکيل آهي؟

ج: هي نظم ”ليکراج ڪشنچند ٻيوس“ جو لکيل آهي.

### ب هيٺيان خال ڀريو.

1. ڪکائن گهرن کي تون روشن ڪرين ٿو
2. پري ڪان منجهيل جي ڪرين رهنمائي
3. حياتيءَ جو مقصد سجو تو ٻڌائين
4. لکين گهور تن تان پتنگا تين ٿا
5. فقيرن جي مجلس جو سينگار آهين.

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| عيان | ظاهر |
| نشيمن | آرامگاهه |
| جوڀن | جواني |
| گلشن | باغ |
| غمخوار | ڏک ۾ شريڪ ٿيڻ وارو |
| پتنگا | پروانا |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| روشني | اونداهي | سچو | ڪوڙو |
| چڱائي | برائي | غريب | امير |
| دوست | دشمن | سچو | ڏاڍ |

## ر هيٺين لفظن جا هم آواز لفظ لکو:

جيئن : غمخوار سينگار

| | | |
|---|---|---|
| روشن | گلشن | جوڀن |
| مزدورن | فقيرن | غريبن |
| رهنمائي | چڱائي | سچائي |

سبق 19

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سونهاري | سونهن واري | مشاهداتي قوت | مشاهدي ڪرڻ واري طاقت |
| لافاني ڪلام | نه ختم ٿيندڙ ڪلام | سرچشمو | سبب، رستو |
| پروڙ | ڄاڻ، پرک | ساڻ | گڏ |
| زهد | پرهيزگاري | قِناعت | بچت |
| محو | مدهوش | ڪوهه | جبل، پنڌ جي ماپ |
| سماع | روحانيت وارو راڳ | پريت | پيار |
| پيراندي | پيرن ڪان | عاليشان | شاندار |
| مقبرو | مزار | تعمير | اڏاوت |
| | ورڪا | گهور | |

## خلاصو

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رح 1102 هجري مطابق 1689-90ع ۾ ڀئين پور ۾ ڄاوا. سندن پيءُ جو نالو شاھ حبيب آهي. شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، شاھ سائينءَ جو ٽڙ ڏاڏو آهي. روايتن مطابق شاھ حبيب کي اولاد ڪو نہ ٿيندي هئي، هڪ درويش هاشم شاھ (مٽياري واري) دعا ڪيس ۽ چيائينس تہ توکي پٽ ڄمندو، ان جو نالو عبداللطيف رکجانءِ. درويش جي دعا سان شاھ حبيب کي پٽ ڄائو تہ نالو عبداللطيف رکيائونس، پر اهو گذاري ويو. اهڙيءَ طرح ٻئي پٽ جو نالو بہ عبداللطيف رکيائون. پر اهو بہ گذاري ويو، ٽئين پٽ جو نالو بہ عبداللطيف رکيائون، اهو اڳتي هلي شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي نالي سان مشهور ٿيو. شاھ صاحب جي طبيعت جو لاڙو نندي هوندي کان ئي فقيريءَ ڏانهن هو. پاڻ حياتيءَ جو گهڻو حصو سير ۽ سفر ۾ گذاريائون. راڳ سندن روح جي راحت هو. پاڻ سنڌي زبان جا عظيم شاعر آهن. سندن شاعريءَ جي ڪتاب کي ”شاھ جو رسالو“ چيو وڃي ٿو. اهو رسالو سندن علم ۽ گهري مشاهدي جو شاهڪار آهي. شاھ صاحب سان ٽي ڪتاب قرآن مجيد، مثنوي مولانا روم ۽ بيان العارفين سدائين گڏ هوندا هئا.

## مشق

**1 هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

(1) شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي ڄمڻ جو سال ڪهڙو آهي؟

(ج) حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليہ 1120ھ مطابق 1690ع ۾ ڀئين پور ۾ ڄاوا.

(2) شاھ سائينءَ جي والد جو نالو ڇا آهي؟

ج شاهه سائينءَ جي والد جو نالو شاهه حبيب آهي.

3 شاهه سائينءَ کي ڀٽائي ڇو ٿو سڏيو وڃي؟

ج شاهه سائين والد جي وفات کان پوءِ ڪوٽڙيءَ کان لڏي اچي هالا کان ٻه ڪوهه پري هڪ واريءَ جي ڀٽ تي باقي زندگي گذاري، جنهن ڪري کين ڀٽائي چوندا آهن.

4 شاهه سائينءَ سنڌ سميت سڄي عالم لاءِ ڪهڙي دعا گهري آهي؟

ج شاهه سائينءَ سنڌ سميت سڄي عالم لاءِ هيءَ دعا گهري آهي:

سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

5 ڪهڙي تاريخ تي ڀٽ شاهه جو ميلو لڳندو آهي؟

ج هر سال 14 صفر تي ميلو پڻ لڳندو آهي.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1 حضرت شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه 1120 ھ مطابق ___1690ع___ ۾ ڄاوا.

(i) 1689ع (ii) 1690ع ✓ (iii) 1691ع

2 شاهه عبدالڪريم رحمة الله عليه بُلڙيءَ وارو شاهه سائينءَ جو ___تڙ ڏاڏو___ آهي.

(i) ڏاڏو (ii) پڙ ڏاڏو (iii) تڙ ڏاڏو ✓

3 شاهه سائين ___سنڌي___ زبان جا عظيم شاعر آهن.

(i) سنڌي ✓ (ii) هندي (iii) اردو

4 شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي هميشه ___ٽي___ ڪتاب ساڻ هوندا هئا.

(i) ٻه (ii) ٽي ✓ (iii) چار

5 شاهه سائين ___14 صفر___ 1165ھ مطابق 1752ع ۾ وفات ڪئي.

(i) 14 رجب (ii) 14 شعبان (iii) 14 صفر ✓

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| عاليشان | شاندار |
| جملو | سندن مزار تي وقت جي حاڪم ميان غلام محمد شاهه ڪلهوڙي عاليشان مقبرو تعمير ڪرايو. |
| حڪمران | حڪومت ڪندڙ |
| جملو | سنا حڪمران عوام لاءِ سنا ڪم ڪندا آهن. |
| سرچشمو | سبب، رستو |
| جملو | شاهه سائين اهڙو لافاني ڪلام ڇڏي ويو آهي جيڪو هر دؤر ۾ هر نسل لاءِ هدايت جو سرچشمو آهي. |
| عقيدتمند | عقيدت وارا |
| جملو | هتي هزارين عقيدتمند زيارت لاءِ ايندا آهن. |
| ورڪا | گهور |
| جملو | هن عظيم صوفي بزرگ تي عقيدتمند گلن جي ورڪا ڪندا آهن. |
| محبت وطن | ملڪ سان پيار |
| جملو | هر ڪنهن جي دل ۾ محبت وطن هئڻ گهرجي. |

## د هيٺين مان مناسب لفظ ڳولي خال ڀريو.

ڀِٽائي | قرآن مجيد | مثنوي رومي | بيان العارفين | تعمير | سير سفر

1. شاهه عبداللطيف جو مقبرو ميان غلام محمد شاهه ڪلهوڙي <u>تعمير</u> ڪرايو.
2. شاهه سائينءَ ڪي ٽي ڪتاب <u>قرآن مجيد</u>، <u>مثنوي رومي</u> ۽ <u>بيان العارفين</u> سدائين گڏ هوندا هئا.
3. شاهه سائينءَ حياتيءَ جو گهڻو حصو <u>سير سفر</u> ۾ گذاريو.

4. شاهه سائين هڪ واريءَ جي پٽ تي رهيو، جنهن ڪري ڪيس پٿائي چوندا آهن.

## ر هيٺين لفظن جا ضد تير وسيلي پاڻ ۾ ملايو:

| | |
|---|---|
| ابتدا | سيراندي |
| جنگ | خوش نصيبي |
| بدنصيبي | امن |
| ڳوٺ | انتها |
| پيراندي | شهر |

سبــق 20

# شهريءَ جون ذميواريون



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| دائمي | هميشہ | رهندڙ | رهواسي |
| ڪيس | ان ڪي | وفاداري | سچائي |
| تعمير | اڏاوت، ناهہ نوهہ | بزرگ | وڏو |
| معاملا | مسئلا | شاهدي | گواهي |
| نقصان | هاڃو | راءِ | صلاح |
| حملو | ڪاهہ | نيشنل گارڊ | قومي محافظ |
| فرض | ذميواري | ميمبر | رڪن |
| هٿ ونڊائڻ | مدد ڪرڻ | لاڀ | فائدو |

## خلاصو

هڪ ملڪ جي شهريءَ کي جيترا حق پنهنجي ملڪ ۾ حاصل هوندا آهن اوترا ڪيس ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ حاصل نہ هوندا آهن. انهن حقن کي سواءِ پنهنجي ملڪ جي سٺي شهري ٿيڻ لاءِ مٿس ڪي ذميواريون بہ هونديون آهن. هر هڪ شهريءَ جي پهرين ذميواري اها آهي تہ هو پنهنجي ملڪ سان وفادار هجي. زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هر ڪم سچائي ۽ ايمانداريءَ سان ڪري. هڪ سٺي شهريءَ جي اها پڻ ذميواري آهي تہ هو ملڪ جي انتظام

رکڻ وارن ماڻهن جي انتظامي ڪمن ۾ مدد ڪري، حڪومت سان سهڪار ڪري ۽ ڪو بہ اهڙو ڪم نہ ڪري، جنهن مان ڪنهن بئي کي نقصان رسڻ جو انديشو هجي.

شهريءَ جي اها ذميواري بہ آهي تہ پنهنجي ووٽ جو قدر ۽ قيمت سڃاڻي، محنت ۽ ايماندار ميمبر چونڊي، جيئن مٿي سٺا ماڻهو وڃي ملڪ جو انتظام سنڀالين. اسان جو ملڪ پاڪستان هڪ اسلامي ملڪ آهي. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. انڪري هر شهريءَ جي اها وڏي ذميواري آهي تہ پنهنجي وطن جي حفاظت ڪري. هر نوجوان ۽ قابل شهري پاڻ کي فوج ۾ڀرتي ڪرائي. امن جي وقت ۾ هڪ سٺي شهريءَ جي اها بہ ذميواري هوندي آهي تہ هو پنهنجي پاڙي، ڳوٺ يا شهر وارن کي پڙهڻ سيکاري، اسڪول ڪولي يا لائبريريون قائم ڪري، جيئن شهرين جو وقت اجايو نہ وڃي.اسان کي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ ۽ ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ محنت ڪرڻ گهرجي.

## مشق

**ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. شهري جا کي چئجي ٿو؟

ج: جيڪو ڪنهن ملڪ جو دائمي رهندڙ هجي ۽ ڪيس ان ملڪ جي ماڻهن جهڙا حق حاصل هجن ۽ مٿس ملڪ جون ذميواريون بہ هجن، ان ماڻهوءَ کي ان ملڪ جو شهري چئبو آهي.

2. سٺي شهريءَ جون ذميواريون بيان ڪريو.

ج: هڪ سٺي شهريءَ جي پهرين ذميواري هيءَ آهي تہ پنهنجي ملڪ سان وفاداري ڪندو آهي ملڪ جي ترقي ۽ تعمير لاءِ ڏينهن رات

محنت ڪندو آهي. وڏن جي عزت ڪندو آهي. ننڍن سان پيار ڪندو آهي. سني شهريءَ جي ذميواري آهي ته انتظامي معاملن ۾ انتظام رکندڙن جي مدد ڪري، براڪم ڪندڙن کي قانون جي حوالي ڪري، سچائيءَ سان انهن جي خلاف شاهدي ڏي، اهڙو ڪو به ڪم نه ڪري جنهن سان ڪنهن کي نقصان پهچي، ان کي پنهنجي ووٽ يا راءِ جي اهميت جي لازمي ڄاڻ هجي يونين، ضلعي ڪائونسل ۽ صوبائي يا ملڪي سطح تي اسيمبليءَ لاءِ محنتي ۽ ايماندار ماڻهو چونڊي،لالچ ۽ دڙڪي ڪان نه ڏجي پنهنجا اختيار استعمال ڪري سنن ماڻهن کي متي آڻي ته جيئن اهي حڪومت جو بهتر انتظام هلائن.

3. هڪ سنو شهري ملڪ جي ترقيءَ لاءِ هر ڪم ڪيئن ڪري ٿو؟

ج. هڪ سنو شهري ملڪ جي ترقيءَ لاءِ هر ڪم پنهنجي ذميواريءَ سان ڪري ٿو.

4. امن جي وقت ۾ سني شهريءَ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ج. امن جي وقت ۾ هڪ سني شهريءَ جي اها ذميواري آهي ته هو ڳوٺ، شهر ۽ پاڙي وارن اڻ پڙهيل ماڻهن کي لکڻ پڙهڻ سيکاري، اسڪول کولي ۽ لائبريريون قائم ڪرائي جيئن شهري ان مان لاڀ حاصل ڪري سگهن.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. پنهنجي ملڪ سان وفاداري ڪرڻ هر شهريءَ جي پهرين ذميواري آهي. **ص**
2. سني شهريءَ کي پنهنجي ووٽ يا راءِ جي اهميت جي ڄاڻ نه هئڻ گهرجي. **غ**
3. اسان جو پيارو ملڪ پاڪستان هڪ اسلامي ملڪ آهي. **ص**
4. هر شهريءَ کي پنهنجي ذميواري محسوس ڪندي پنهنجي وطن جي

حفاظت ڪرڻ گھرجي.	ص

5 هر نوجوان شهري پاڻ کي پوليس ۾ ڀرتي ڪرائي.	غ

ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| دائمي | هميشه |

جملو: سڄي دنيا جي انسانن کي دائمي امن جي ضرورت آهي.

| | |
|---|---|
| اُپاءُ | طريقا |

جملو: اسان کي پنهنجي ملڪ کي دشمن کان بچائڻ لاءِ اپاءُ وٺڻ گھرجن.

| | |
|---|---|
| نيشنل گارڊس | قومي محافظ |

جملو: جيڪڏهن ڪو شهري فوج ۾ شامل نہ ٿئي تہ نيشنل گارڊس جي ڪمن ۾ هٿ ونڊائي.

| | |
|---|---|
| لاڀ | فائدو |

جملو: اسڪول ڪولجن ۾ لائبريريون قائم ڪرائجن، جيئن شهري ان مان لاڀ حاصل ڪري سگھن.

سبق 21

# بهار



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| چمن | باغ |
| قرار | آرام |
| مگرو | گل جو نالو |
| ساڻا | ٽڪيل / ڪمزور |
| لاتيون لَنون | ٻوليون ٻولين |
| ميهار | مينهون چاريندڙ |
| ريڍار | رڍون چاريندڙ |

## شعرن جي تشريح

بيت: اچي ويو اچي ويو چمن ۾ بهار
اسان جي دلين کي مليو ويو قرار

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو ته هاڻي بهار جو موسم اچي ويو آهي. باغ ۾ ساوڪ ٿي پئي آهي. اسان جي دلين کي سڪون ملي ويو آهي.

بيت: هو موتيو ۽ مگرو ڪلن ٿا ڪلن
گلستان ۾ گل هوا ۾ لڏن

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو ته موتيو ۽ مگرو بهار جي موسم ۾ خوش ٿا ٿين. باغيچي ۾ هوا

تي گل خوشيءَ ۾ لڏن ٿا.

بيت: چَٽي سپ پيا پن پراڻا ڏسو
کٽن ساھ وڻ ٿا ھي ساڻا ڏسو

سمجھاڻي: ھن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو تہ بھار جي اچڻ سان ٻوٽن ۽ وڻن جا پراڻا پن ڇڻي ويندا آھن ۽ نوان پن ڦٽندا آھن ۽ خوشيءَ ۾ ڪمزور وڻ بہ ساوا ٿيندا آھن.

بيت: ڦٽا گاھ ساوا پٽن تي وري
ڏسي تن کي سانگين جي دلڙي ٺري

سمجھاڻي: ھن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو تہ بھار جي اچڻ سان پٽن تي گاھ ڦٽي پيا آھن ۽ سر سبز گاھن کي ڏسي منڊن سانگين جون دليون بہ خوش ٿي ويون آھن.

بيت: پکيئڙا منيون خوب لاتيون لنون
ھو قادر جي وينا ٿا ساراھ ڪن

سمجھاڻي: ھن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو تہ بھار جي موسم ۾ پکي بہ منڊيون ٻوليون ڳالھائيندا آھن ۽ الله پاڪ جي تعريف ڪندا آھن.

بيت: ڏسو خوش ٿا ٻڪرار ميھار پيا
وڃن ڪاھيون ڌڻ ٿا ھي ريڊار پيا

سمجھاڻي: ھن بيت ۾ شاعر غلام محمد غازي چوي ٿو تہ بھار جي موسم ۾ ٻڪرار، ميھار ۽ ريڊار خوش ٿا نظر اچن.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هن نظم مان توهان پنهنجي پسند جو شعر لکو.

ج. پکيئڙا منيون خوب لاتيون لنون،
هو قادر جي وينا تا ساراهه ڪن.

2. چاڪي ڏسي سانگين جي دلڙي ٺري؟

ج. پٽن تي وري ساوا گاهه ڦٽل ڏسي سانگين جي دلڙي ٺري.

3. هي نظم ڪنهن جو لکيل آهي؟

ج. هي نظم ”غلام محمد غازي“ جو لکيل آهي.

## ب هيٺين لفظن جا هم آواز لفظ لکو:

| | | |
|---|---|---|
| بهار | قرار | ريدار |
| کلن | لڏن | لَنوَن |
| پراٽا | ساٽا | ڏاٽا |
| ميهار | ويهار | سيڪار |

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| دِل | دليون | گلستانُ | گلستان |
| ساراهَ | ساراهون | لاتِ | لاتيون |
| پَنُ | پَنَ | پراڻو | پراڻا |

## د هيٺيون شعر مڪمل ڪريو:

ڦٽا گاهه ساوا پٽن تي وري
ڏسي تن ڪي سانگين جي دلڙي ٺري.

سبق 22

# ڏياري



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جوت | روشن | وچن | واعدو |
| موت | جواب | پڳدار | وڏو |
| بن | جهنگ، بيابان | پاڪڙيون | بيڙيون |
| آڌر ڀاءُ | آجيان | روپ | صورت |
| تلڪ | ٽِڪو | درس | سبق |
| پختو | مضبوط | | |

## خلاصو

ڏياري هندو مذهب وارن جي عيد يا خوشيءَ جو ڏينهن آهي. هي ڏينهن هر سال ڪَتيءَ واري مهيني جي پوئين ٽن تاريخن ۾ ملهايو ويندو اهي. ڏياريءَ جي خوشي تي ڏينهن هلندي آهي. هندو انهن ڏينهن ۾ ڏيئا ٻاري هر طرف روشني ڪندا آهن. ڏيئا يا ديپ روشن ئي رکيا ويندا آهن. شاهوڪار ماڻهو ڏياريءَ

جي ٿنهي ڏينهن تي اٽي مان ڏيئا ٺاهي، ان ۾ سڄو گيهه ٻارين ٿا ۽ گهڻ پهچ وارا نڪر جا ڏيئا تيل سان روشن ڪندا آهن. گهرن ۾ ڏيئن جا خاص جارا ٺهيل هوندا آهن. گهرن جا دروازا ٽيئي ڏينهن کليل رکندا آهن. ڏياريءَ وارن ڏينهن ۾ لڪشمي ديويءَ کي راضي رکڻ لاءِ پوڄا ڪئي ويندي آهي. هندن جو عقيدو آهي ته ان ديويءَ جي راضي ٿيڻ سان دولت ۾ واڌارو ٿيندو آهي. ڏياريءَ جي ٻئي ڏينهن رام چندر کي تلڪ لڳندو آهي. ان کي راڄ تلڪ جو ڏينهن سڏبو آهي. ٽئين ڏينهن ڀراٽو ٿيندو آهي. جنهن ۾ ڏيئا وهندڙ پاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏيندا آهن.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڏياريءَ جي معنيٰ ٻڌايو؟

ج: ڏياريءَ جي معنيٰ آهي ڏيئي واري. هي سنسڪرت جي لفظ ديپ مان ورتل آهي.

2. ڏياريءَ جا جي لاءِ ملهائي ويندي آهي؟

ج: رام جڏهن 14 سال ٻنواس جي مدي پوري ڪرڻ کان پوءِ ملڪ موٽي آيو ته ٻاءُ پرت وڏي جشن جي روپ ۾ وٺي اچي تخت تي ويهاريو ۽ انهيءَ خوشيءَ ۾ سڄو شهر روشن ڪيو ويو. ڏياري انهيءَ يادگار ڏڻ طور ملهائي ويندي آهي.

3. ڏياري ڪهڙي طريقي سان ملهائي وڃي ٿي؟

ج: ڏياريءَ وارن ڏينهن ۾ لڪشمي ديويءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ پوڄا ڪئي ويندي آهي، هندو ٻيسڻ مان ٺهيل مناٻون، تلشڪريون يا لايون ٺاهي مٿن مائٽن ۽ دوستن کي کارائيندا آهن. ڏياريءَ جي ٻئي ڏينهن رام چند تلڪ لڳندو آهي. ٽئين ڏينهن ڀراٽو ٿيندو

آهي، جنهن ۾ ڏيئا وهندڙ پاڻيءَ ۾ وهائي ڇڏيندا آهن.

4. راڄ تلڪ ڇا کي چئبو آهي؟

ج. ڏياريءَ جي ٻئي ڏينهن رام چند کي تلڪ لڳندو آهي، ان کي راڄ تلڪ چئبو آهي.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. ڏياري هندو مذهب جي عيد يا خوشيءَ وارو ڏينهن آهي. ص
2. هي ڏينهن هر سال ڪتيءَ واري مهيني جي پهرين ٽن تاريخن ۾ ملهايو ويندوآهي. غ
3. لفظ ڏياري اردو ٻوليءَ جي لفظ ديپ مان ورتل آهي. غ
4. پراڻي زماني ۾ دسرت نالي هڪڙو راجا هو، جنهن کي ٽي زالون هيون. ص
5. چوڏهن سال ٻنواس جي مدي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ رام پنهنجي ملڪ موٽي آيو. ص

## ج هيٺيان خال ڀريو.

1. ____ڪوشليا____. رام چند جي ماءُ جو نالو آهي.
2. راجا خوش ٿي ____ڪيس وچن____ ڏنو.
3. ڏياريءَ جو مطلب ____ڏيئن واري____ آهي.
4. ڏياريءَ ۾ ____لڪشمي ديويءَ____ جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي.
5. ٽئين ڏينهن ____ڀهراڻو____ ٿيندو آهي.

## د هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| وچن | واعدو | ٻن | جهنگ |
| جوت | روشن / لاٽ | ديپان والي | ڏيئن واري |
| آدرياءُ | استقبال | بنواس | دنيا جو تياڳ |

## ر هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| اصل | نقل | راجا | راڻي |
| پورو | اڌ | کليل | بند |
| غلام | مالڪ | | |

## ھ هن سبق کان مليل نصيحت کي پنهنجن لفظن ۾ لکو.

هن سبق مان پيءُ ماءُ جو ادب، وڏن لاءِ عزت، ننڍن سان پيار، ڀائرن ۾ پيار ۽ ايڪي جو درس ملي ٿو ۽ واعدي پاڙڻ جو پڻ عزم پختو ٿئي ٿو.

سبق 23



# برابريءَ جي نصيحت

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| برابري | هڪجهڙائي | نصيحت | هدايت |
| خلاف | ابتڙ | محدث | حديث بيان ڪندڙ |
| غير شرعي | غير اسلامي | جماعت | ٽولو |
| خالق | پيدا ڪندڙ | مهاڏو اٽڪائڻ | مقابلو ڪرڻ |
| هميشہ | سدائين | ارشاد | بيان |
| عاجزي | نوڙت | ناراض | ڪاوڙيل |
| حجتہ الوداع | آخري حج | عربي | عرب جو رهندڙ |
| عجمي | غير عرب | فضيلت | فوقيت |

## خلاصو

هڪ پيري جي ڳالهه آهي تہ خراسان جي حاڪم خوارزم شاهہ کي خيال آيو تہ آئون نماز پڙهڻ لاءِ مسجد ۾ عام ماڻهن سان گڏ وڃي ويهان ٿو. اها ڳالهه منهنجي شان جي خلاف آهي. اهو سوچي هن مسجد ۾ پنهنجي لاءِ شاهي تخت وجرائي ڇڏيو. هُو ان تي ويهي خطبو ڏيندو هو ۽ نماز بہ پڙهندو هو. ائين ڪرڻ سان هو پاڻ کي ٻين کان مٿيرو سمجهڻ لڳو. امام فخر الدين رازي رحہ جيڪو ڇهين صدي هجريءَ جو هڪ وڏو امام محدث ۽ مفسر هو، ان کي ڳالهه بنهہ نہ وڻي، چو تہ اها ڳالهه اسلامي پائيپيءَ جي خلاف ۽ غير شرعي آهي. جڏهن بادشاهہ نماز پڙهي

پوري ڪئي تہ امام رازيءَ پريءَ جماعت ۾ هن ڪي چيو تہ ”بادشاهہ سلامت! هيءَ الاهي دربار آهي، هتي پهچڻ سان مسڪين ۽ امير، شاهہ ۽ گدا، ننڍا يا وڏا ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي جتي بہ جاءِ ملندي اٿن، اتي اچي ويهندا آهن. ائين هو خالق ۽ مالڪ جي سامهون اسلامي ڀائپيءَ جو ثبوت پيش ڪندا آهن، ڇاڪاڻ تہ الله وٽ سڀ برابر آهن. الله سائينءَ پلو ان ڪي ان سڏيو آهي، جنهن جا اخلاق سنا آهن“. امام رازيءَ جي انهيءَ تقرير تي سلطان تپي باهہ ٿي ويو، پر جڏهن ٻين جماعتي ماڻهن ڪي ڏٺائين تہ اهي سڀ امام رازي رحہ جي تائيد ۾ ڪنڌ ڌوڻي رهيا آهن، تہ سلطان ڪي انهن سيني جي مقابلي جي همت نہ ٿي ۽ مسجد مان تخت ڪڍائي ڇڏيائين. اسان ڪي گهرجي تہ هميشہ جماعت سان نماز پڙهون ۽ الله تعاليٰ جي اڳيان عاجزيءَ سان پنهنجو سر جهڪايون ۽ هڪٻئي جو حال احوال وٺون ۽ مديني جي انصارن وانگر هڪٻئي جي جاني ۽ مالي مدد ڪريون.

## مشق

### ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. خراسان جي بادشاهہ مسجد ۾ شاهي تخت ڇا لاءِ وڇرايو هو؟

ج. خراسان جي حاڪم خوارزم شاهہ خيال ڪيو تہ آئون نماز پڙهڻ وقت مسجد ۾ عام ماڻهن سان گڏ ويهان ٿو، اها ڳالهہ منهنجي شان جي خلاف آهي. اها سوچ رکي هن مسجد ۾ شاهي تخت وڇرايو.

2. امام رازيءَ رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِ سلطان ڪي ڪهڙي نصيحت ڪئي؟

ج. جڏهن شاهہ، نماز پڙهي پوري ڪئي تہ امام رازي پريءَ جماعت ۾ هن ڪي هن طرح چيو ”بادشاهہ سلامت هيءَ الاهي دربار آهي هتي

پهچڻ سان مسڪين ۽ امير، شاهه ۽ گدا ننڍا يا وڏا ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي جتي بہ جاءِ ملندي اتن اتي اچي ويهندا آهن، ائين هو خالق ۽ مالڪ جي آڏو اسلامي ڀائپيءَ جو ثبوت پيش ڪندا آهن، ڇاڪاڻ تہ الله وٽ سڀ برابر آهن. الله پاڪ پلو ان ڪي سڏيو آهي، جن جا اخلاق وڏيڪ سٺا آهن.

3 امام رازيءَ جي تقرير جو سلطان تي ڪهڙو اثر ٿيو؟

ج امام رازيءَ جا اهي لفظ ٻڌي سلطان ٽپي ٻاهر ٿي ويو ۽ جڏهن ٻين جماعتي ماڻهن کي ڏٺائين تہ سڀ امام رازيءَ جي تائيد ڪندي ڪنڌ لوڏي رهيا هئا. سلطان کي سيني سان مهاڏو اٽڪائڻ جي همت نہ ٿي ۽ تخت مسجد مان ڪٽائي ڇڏيائين.

4 حجة الوداع جي خطبي ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن ڪهڙو سبق ڏنو آهي؟

ج حجة الوداع واري خطبي ۾ حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن فرمايو "اي انسانؤ! بيشڪ توهان جو رب هڪ آهي. توهان جو پيءُ هڪ آهي. ڪنهن عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ ڪنهن عجميءَ کي عربيءَ تي، پوري کي ڪاري تي ڪابہ فضيلت ڪانہ آهي. فضيلت وارو رڳو پرهيزگار آهي.

ج صحيح جملي جي سامهون "ص" ۽ غلط جملي جي سامهون "غ" لکو.

1. امام فخرالدين رازي رحمة الله عليه ڇهين صدي هجريءَ جو وڏو امام، مفسر، محدث ۽ مفڪر هو. ص
2. الله وٽ سڀ برابر آهن. ص
3. امام رازي رحمة الله عليه جا اهي لفظ ٻڌي سلطان خوش ٿي ويو. غ
4. اسان کي بہ گهرجي تہ هميشہ جماعت سان نماز پڙهون. ص
5. امام رازي رحمة الله عليه جا اهي لفظ ٻڌي سلطان سيني جماعتين سان وڙهي پيو. غ

## 4 هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سلطان | بادشاهه/ شهنشاهه | تائيد | تصديق |
| حجة الوداع | آخري حج | مفسر | تفسير ڪندڙ |
| محدث | حديث بيان ڪرڻ وارو | خالق | پيدا ڪندڙ |

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو:

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ٻرو | ٻرا | ويڪرو | ويڪرا |
| چڱو | چڱا | شانُ | شان |
| ننڍو | ننڍا | تختُ | تختَ |

سبق 24




# ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ٻَڌي | اتحاد | | |
| حصو | ڀاڱو | طاقت | قوت |
| ڪٽنب | خاندان | تڪليف | درد، ايذاءُ |
| جهيڙا | فساد | فائدو | نفعو، لاڀ |
| پوڙهو | ضعيف | سڏايو | گهرايو |
| نقصان | هاڃو | سولائي | آساني |

### خلاصو

ٻڌيءَ مان مراد آهي گڏجي سڏجي زندگي گذارڻ. قرآن شريف ۾ پڻ ٻڌي ۽ ايڪي تي زور ڏنو ويو آهي. جڏهن ته اسان جي نبي ڪريم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم پڻ اسان کي ٻڌي، ايڪي ۽ پيار سان رهڻ جي هدايت فرمائي آهي. ٻڌيءَ سان رهڻ ۾ نه رڳو اسان جي خاندان پر سڄي ملڪ جو فائدو آهي. ٻڌيءَ سان رهڻ جي ڪري هڪٻئي سان پيار وڌي ٿو.

هڪ پوڙهي ماڻهوءَ مرڻ وقت پنهنجي پٽن کي ڪاٺين جي مٺ ڏئي کين چيو ته انهن ڪاٺين کي ڀڃي ڏيکاريو، پر ڪير به ائين ڪري نه سگهيو. پر جڏهن ان پوڙهي هڪ هڪ ڪاٺي ڀڃڻ لاءِ چيو ته هو سولائيءَ سان ڪاٺيون ڀڃڻ لڳا. انهن تي پوڙهي کين نصيحت ڪئي ته جيڪڏهن توهان انهن ڪاٺين وانگر پاڻ ۾ ٻَڌيءَ سان رهندؤ ته توهان کي ڪوبه نقصان رسائي نه ٿو سگهي.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. پاڻ سڳورن ﷺ جن مسلمانن جي ٻڌيءَ لاءِ ڇا فرمايو آهي؟

حضور صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن فرمايو آهي ته ”مسلمان پاڻ ۾ هڪ جسم وانگر آهن. جيڪڏهن جسم جي ڪنهن به حصي يا عضوي کي تڪليف رسي ٿي، ته سمورو جسم تڪليف محسوس ڪري ٿو.

2. پوڙهي ماڻهوءَ ڪاٺيون ڇاجي لاءِ گهرائي رکيون؟

ج. پوڙهي ماڻهوءَ ڪاٺيون ان لاءِ گهرائي رکيون ته جيئن پنهنجن پٽن کي نصيحت ڪري سگهي ته جيڪڏهن توهان انهن ڪاٺين جيان ٻڌيءَ سان رهندؤ ته ڪو به توهان کي نقصان پهچائي نه سگهندو.

3. پوڙهي جي پٽن ڪاٺيون ڪيئن ڀڳيون؟

ج. جڏهن پوڙهي پنهنجن پٽن کي چيو ته توهان مان هرڪو هڪ هڪ ڪاٺي ڀڃي. پٽن جڏهن هڪ هڪ ڪري ڪاٺين کي ڀڃڻ شروع ڪيو ته انهن کي سولائيءَ سان ڀڃي سگهيا.

4. هن سبق مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

ج. هن سبق مان اسان کي هيءَ نصيحت ملي ٿي ته هميشه ٻڌيءَ سان رهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته ٻڌيءَ ۾ برڪت آهي. الله پاڪ قرآن شريف ۾ ٻڌيءَ تي گهڻو زور ڏنو آهي. ٻڌيءَ سان رهڻ وارن کي ڪو به نقصان نه ٿو پهچائي سگهي.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. گڏجي سڏجي ڪم ڪرڻ کي ٻڌي چئبو آهي.

(i) روز روز (ii) ڏينهن رات (iii) گڏجي سڏجي ✓

2. مسلمان پاڻ ۾ هڪ ___جسم___ وانگر آهن.

(i) جسم ✓ (ii) هٿ (iii) روح

3. هڪ ٻئي سان پاڻ ۾ ___محبت___ وڏي ڳالهه آهي.

(i) نفرت (ii) عزت (iii) محبت ✓

4. پوڙهي ماڻهوءَ کي ___ٽي___ پٽ هئا.

(i) ٻه (ii) ٽي ✓ (iii) چار

5. ٻڌيءَ سان رهڻ ۾ امن ۽ ___ڀائيچاري___ کي هٿي ملي ٿي.

(i) ملڪ (ii) شهر (iii) ڀائيچاري ✓

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪٽنب | خاندان | تڪليف | ڏک |
| ٻڌي | ايڪو | برڪت | واڌارو |
| نصيحت | چڱي ڳالهه | نقصان | خسارو |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| زندگي | موت | دوست | دشمن |
| پوڙهي | جوان | سولائي | ڏکيائي |
| ڏک | سک | محبت | نفرت |

## ر درست جملي تي (✓) جو نشان ڏيو:

1. ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي. ✓
2. ٻڌيءَ ۾ برڪت آهي. ✓
3. هڪ ٻئي جي مدد نہ ڪرڻ گهرجي. ✗
4. ٻڌيءَ سان پيار وڌي ٿو. ✓

سبق 25



# شڪارپور

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| قديم | پراڻو، اوائلي | ناز | فخر |
| واپاري | تجارتي | پرڳڻو | خطو |
| حاڪم | حڪمران | شاهراهه | وڏو رستو |
| مفاصلو | پنڌ، فاصلو | اڏيل | ڍهيل |
| ڪوٽ | قلعو | مارڪيٽ | بازار |
| سفيد | اڇي | عمده | اعليٰ |
| ڳلو | ڳچي | موسم | مُند |
| طرز | نمونو | هينئر | هاڻي |
| وجود | موجودگي | قائم | موجود |

## خلاصو

شڪارپور شهر سنڌ جي وڏن شهرن مان هڪ سهڻو ۽ خوبصورت شهر آهي. ماضيءَ ۾ هيءُ شهر واپار ۽ سياسي لحاظ کان اهم هو. ڪابل، قنڌار، سمرقند، بخارا ۽ تاشقند کان واپاري قافلا هلندا هئا ۽ اهي شڪارپور ۾ اچي منزل ڪندا هئا. هن شهر جا واپاري لاڳاپا بغداد، دهلي، ممبئي ۽ چين سان هئا. چار سؤ سال اڳ هتي رڳو جهنگ هو. جتوئي ۽ مهر قبيلا هن پرڳڻي کي شڪار طور استعمال ڪندا هئا. هن شهر جو بنياد دائود پوٽا خاندان جي حاڪم امير بهادر خان 1617ع ۾ وڌو ۽ ان جو نالو شڪارپور رکيو. شڪارپور کي 1843ع ۾ سنڌ جي ٽن ضلعن مان هڪ ضلعو بڻايو ويو. 1901ع ۾ هن شهر جي ضلعي جي حيثيت

ختم ڪئي وئي. وري ٻيهر 1977ع ان کي ضلعو ٺاهيو ويو. سکر جو آرائين ايئرپورٽ، شڪارپور کان رڳو 28 ڪلوميٽر پري آهي هتان ڪنڌڪوٽ، ڪشمور ۽ ديري غازي خان لاءِ به شاهراهه نڪري ٿي. لاڙڪاڻي، دادو ۽ سيوهڻ لاءِ به هڪ رستو هتان ويندو آهي.

گهڻو وقت اڳ شڪارپور شهر جي چوڌاري مٽيءَ جو مضبوط ڪوٽ هو، جنهن ۾ اٺ دروازا لڳل هئا، پر هن وقت انهن مان رڳو ٻه در هاٿي در ۽ لکي در قائم آهن. لکي در وٽ سڀ بازارون اچي گڏ ٿين ٿيون، جتي شڪارپور جو قديم گهنٽا گهر آهي، جيڪو سؤ سال پراڻو هئڻ جي باوجود هينئر به صحيح وقت ٻڌائي ٿو.

شڪارپور ۾ پرت جو ڪم عمدو ٿئي ٿو. هتان جا ماڻهو گرمين ۾ سفيد ململ جو ڪڙتو ۽ هرڪ جي اڇي سلوار پائيندا آهن. ڪڙتي جي ڳلي تي پرت جو عمدو ڪم ٿيل هوندو آهي. هتي ٻارن لاءِ خالص زريءَ جون واسڪوٽيون ٺهنديون آهن. سردين ۾ ڪشميري طرز تي اوني شالون پڻ ٺاهيون وينديون آهن. شڪارپور جو اچار ۽ مٺائي سوڪڙيءَ طور مشهور آهن، جن ۾ مائو، حلوو ۽ پيڙا هر هنڌ پسند ڪيا وڃن ٿا، هتي جون قديم خوبصورت عمارتون شڪارپور جي حسن کي ظاهر ڪن ٿيون.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. شڪارپور جو بنياد ڪنهن رکيو؟

ج: داؤد پوٽا خاندان جي حاڪم امير بهادر خان 1617ع ۾ هن شهر جو بنياد وڌو ۽ شڪارپور نالو رکيو.

2. شهر جي چؤڌاري پهريان ڇا ڏنل هو؟
ج. شڪارپور شهر جي چؤڌاري گهڻو وقت اڳ مٽيءَ جو ڪوٽ اڏيل هو، جنهن جا اٺ دروازا هوندا هئا.

3. شڪارپور جي تاريخي جاين کي ڏسڻ لاءِ دل ڇو چاهيندي آهي؟
ج. شڪارپور شهر تاريخ جي لحاظ کان خاص اهميت رکي ٿو تنهن ڪري تاريخي جاين کي ڏسڻ لاءِ دل چاهيندي آهي.

4. هتان جون سوکڙيون ڪهڙيون آهن؟
ج. شڪارپور جي اچار ۽ مٺائي هتان جي سوکڙيءَ طور مشهور آهن.

5. اونهاري ۾ هتان جا ماڻهو تفريح لاءِ ڪيڏانهن ويندا آهن؟
ج. اونهاري ۾ هتان جا ماڻهو تفريح لاءِ بيگاري واهه تي واقع شاهي باغ ويندا آهن.

## ج. صحيح جملي جي سامهون "ص" ۽ غلط جملي جي سامهون "غ" لکو.

1. سنڌ جي جديد شهرن مان هڪ سهڻو شهر شڪارپور آهي. **غ**
2. اڳئي هي شهر راندين جي لحاظ کان گهڻي اهميت رکندو هو. **غ**
3. دائود پوٽا خاندان جي حاڪم امير بهادر خان 1617ع ۾ هن شهر جو بنياد وڌو. **ص**
4. 1843ع ۾ شڪارپور کي سنڌ جي ٽن ضلعن مان هڪ ضلعو ناهيو ويو. **ص**
5. شڪارپور شهر جي چؤڌاري گهڻو وقت اڳ پٿرن جو ڪوٽ اڏيل هو، جنهن ۾ اٺ دروازا هوندا هئا. **غ**

## ج هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| شاندار | عاليشان | ڪوٽ | قلعو |
| عمده | اعليٰ | سلامت | برقرار |
| پرڳڻي | علائقي | بنياد | پيڙهه |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| جديد | قديم | گرمي | ٿڌ، سردي |
| آبادي | بربادي | پراڻي | نئين |
| شروعات | اختتام | خالص | ملاوت وارو |

## ر هيٺيان لکو:

1 پنجن شهرن جا نالا لکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اسلام آباد | ڪراچي | حيدرآباد | سکر | لاهور |

2 پنجن جڳهن جا نالا لکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| راڻي باغ | سنڌ ميوزيم | نيشنل پارڪ | سنڌباد | موئن جو دڙو |

3 پنجن مٺائين جي نالا لکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| لڏو | چم چم | رس گُلا | برفي | جليبي |

## ه هيٺيان جملا درست ڪري لکو:

جهنگ رڳو سال هتي چار سؤ اڳ هو

هتي چار سؤ سال اڳ رڳو جهنگ هو.

**مشھور آھي ڪلفي ٺاڪر داس جي سچي سنڌ ۾**

ٺاڪرداس جي ڪلفي سڄي سنڌ ۾ مشھور آھي.

**۾ اونھاري پڪنڪ ماڻھو ملھائڻ آھن ايندا**

اونھاري ۾ ماڻھو پڪنڪ ملھائڻ ايندا آھن.